# لاڙ جو سير


مصنّف

الله بچايو يار محمد سمون



١٤١١ھ / ١٩٩١ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ

# لاڙ جو سير

مصنف

الله بچايو يار محمد سمون

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو - حيدرآباد سنڌ.
پاڪستان
۱۴۱۱/۱۹۹۱ع

چاپو پهريون سال ۱۹۷۱ع تعداد ۱۰۰۰
چاپو ٻيو سال ۱۹۹۰ع تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

**قيمت : ٽيهہ روپيا**
**[Price Rs: 30–00]**

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

ٽپال جي ايڊريس:

(جي. پي. او باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ).

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ مسٽر ولي محمد رونجهو "ولي سروري" سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان شايع ڪيو.

# فهرست


| | |
|---|---|
| لفظ | ١ |
| ـ ر | ٩ |
| لاڙ جي تاريخي اهميت | ١٤ |
| لاڙ جي ادبي اهميت | ١٩ |
| سنڌي شعر جي مختصر تاريخ | ٣٤ |
| سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | ٥٦ |
| لاڙ جي ڏڪ رات | ٦٨ |
| لاڙ جي ٻيءِ رات | ٧٩ |
| جهنگ جو سير | ٩٢ |
| لاڙ جا ماڻهو | ١٠٦ |
| ماڻهن جي رهائش ۽ پوشاڪ | ١١٤ |
| لاڙ جي صحت | ١١٨ |

# ناشر طرفان

”لاڙ جو سير“ هن کان اڳ به سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي. ڪتاب ۾ موجود مواد جي افاديت ۽ اهميت کڏهن به گهٽ نه ٿي سگهندي، ان ويچار کي آڏو رکي اسان هن ڪتاب کي وري به ڇاپي هيٺ آڻي رهيا آهيون. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي موضوع هڪ ئي وقت آهن، جن ۾ تاريخ، ادب، ثقافت، جاگرافي ۽ ٻيا انيڪ موضوع يڪجا آهن.

هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏسڻي (انڊيڪس) ڏيڻ سان محقق کي آساني ڪري ڏني ويئي آهي. جيتوڻيڪ ضخامت ۽ قدبت ۾ هيءَ هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي، پر موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان، ادب ۾ خاص اضافو آهي.

اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ ۽ سنڌيءَ متعلق نئون مواد آڻڻ سان گڏو گڏ، جن ڪتابن جي طلب آهي ۽ اڻ لڀ ٿيندا وڃن تن کي وري وري ڇاپي عام ڪجي، جيئن کوٽ نه اچي.

سنڌي ادبي بورڊ جي واجب الاحترام چيئرمن صاحب ۽ سنڌن فاضل ميمبر صاحبان جي رهبريءَ ۽ هدايتن هيٺ

اسان ان لائق ٿيا آهيون جو هيءُ ڪتاب ڇاپي هيٺ آڻي سگهيا آهيون. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪندڙ ساٿين جي محنت لاءِ به متعرف ۽ مشڪور آهيان. مهرباني.

ڄام شورو
١٥- جنوري ١٩٩١ع

- ولي محمد رونجهو
(ولي سروري)
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

هن ڪتاب کان اڳ "سير ڪوهستان" لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪوهستاني ماڻهن جي رهائش، خورش، ٻولي ۽ تهذيب جنهيءَ طرح بيان ڪيل آهن. هن ڪتاب ۾ وري لاڙ واري ڀاڱي جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو نوع "سير ڪوهستان" کان ارالو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪوهستان کي پنهنجو ادب ڪونهي، تنهنڪري سندس احوال ۾ هڪ ئي رس ڪهاوت جيئن وڃي پورو ٿئي ٿو. مگر لاڙ جو اندروني احوال ڇڱي چوکي تاريخ تي وڃي ختم ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري لاڙ جي سير جي نوعيت وري نرالي آهي.

ڪوهستان کان پوءِ يڪدم لاڙ جو سير ۽ ان جو احوال لکڻ، انهيءَ ڪري سجايو سمجهيو ويو، جو ڏس ۾ ائين اچي ٿو ته لاڙ جا لاڳاپا، ريتين رسمن ۽ ٻوليءَ ۾ ڪوهستاني قومن کي وڌيڪ ويجها آهن. تنهنڪري ٻي سنڌ جي ٻين ڀاڱن جي احوال لکڻ کان اڳ لاڙ کي ياد ڪيو ويو.

مصنف هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ کي سندس اصلي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪري، جنهن سان پڙهندڙن کي خبر پوي ته اصلي سنڌي ۽ اڄڪلهه جي سنڌيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي. سندس هيءُ قدم تحسين ۽ مبارڪباد جي لائق آهي، جو صاحب موصوف، وچايل وٿن کي همٿ ڪرڻ ۾ حتي الامڪان ڪوشش ورتي آهي. اميد ته هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ موزون معيار ثابت ٿيندو، جو نه رڳو اهل ادب ۽ اهل زبان جي اڄ آجهائيندو، پر ڪين اصليت ڏانهن رجوع ڪندو.

عثمان علي انصاري
ايم - اي (لنڊن)

# پيش لفظ

هاڻوڪي سنڌي ٻولي، جا سنڌ جي ڪهڙي ڀاڱي ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، اصلوڪي سنڌي ٻوليءَ کان ڪهڙي قدر مختلف آهي. اسان مان گهڻا شايد انهيءَ راءِ جا ٿيندا ته اڳوڻي سنڌي، پنهنجي سر هڪ نرالي ٻولي هئي، جا انهيءَ وقت ۽ انهيءَ قوم ۾ ڳالهائي ويندي هئي. مگر حقيقتاً ٻنهي ۾ نسبت ائين آهي، جيئن اصل کي ڇپائي نقل کي ظاهر ڪجي. اڄڪلهه جي سنڌي ٻولي اصل سنڌيءَ جو نقل آهي. هاڻوڪي سنڌي ٻولي مشرقي ۽ مغربي ٻولين جهڙوڪ: عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جو اهڙو ته گهرو اثر پيو آهي، جو سنڌ ۾ نسبت سنسڪرت سان قائم ڪرڻ بدران مذڪوره ڌارين ٻولين ڏانهن منسوب ڪرڻ وڌيڪ صحيح پيو معلوم ٿئي. ڪيس سنسڪرت جي ڌيءَ سڏڻ بدران عربي ۽ فارسيءَ جي ڀيڻ سمجهڻ، حقيقت کي قريب پيو نظر اچي. اصليت جي ڪمر ٿي وڃڻ ڪري ۽ مصنوعي لباس پهرڻ ڪري سنڌي ٻولي پنهنجون موروثي ۽ فطرتي خوبيون مثلاً مٺاج، تواضع ۽ سنجيدگي وڃائي ويٺي آهي.

جي رهاڪن کي تڏهن چاڻ پوندي جڏهن هنن جو ڪهاڻو واسطو لاڙين سان ٿيندو. بري نه وڃو، شاهه عبداللطيف رح جو رسالو کولي ڏسو. جتي جتي نماڻائي ۽ عاجزي ظاهر ڪئي ويئي آهي، آتي آتي انهيءَ جو لاڙي محاورن يا لاڙي الفاظن سان اظهار ڪيو ويو آهي، مثلاً:

منهنجو ڪچاڙو، پيئر هن پنهور ۾.

هيءَ سٽ پڙهندي پنهنجي تخيل کي ڏورو تيز ڪريو، ۽ پوءِ اها سٽ پڙهندي، سٽسُئي جو تصور پنهنجي آڏو جهليو. ڏسو ته انهيءَ سٽ ۾ ڪيڏي نه انڪساري بيان ڪيل آهي. جيڪڏهن ساڳي سٽ شاعر هن ريت چوي:

منهنجو آهي چا پيئر هن پنهور ۾

ته ۾ معني ۾ ڪو ڦير ڪونه پوي ها. ليڪن هڪ لفظ "ڪچاڙو" جي ڪم آڻڻ ڪري جا نماڻائي ظاهر ٿئي ٿي سا "آهي چا" مان ڪانه ٿي نڪري، ۽ پاڻ ان مان آڪڙ جي بوءِ پيئي اچي.

آڏي اوسيڙان آس ۾، جهلئو ڪڻن ڪنار،
ڪهاتو ڪهر نه آئيا، وڏي لڳيَن وار،
هئيس جنهن هار، سي موڙي چڙهئا مڪڙا.

"آيي اوسڙان" اوسيڙو لفظ لاڙي رواج مان آندل آهي. هتي ٿورو ويچار ڪري ڏسو تہ انتظاريءَ جو نقشو فقط هڪ لفظ "اوسڙان" جي ڪم آڻڻ ڪري ڪيترو نہ چٽو ۽ صاف ٿي بيهي ٿو. سنجهانئس ڪيتري نہ نماڻائي پيئي ظاهر ٿئي. "وڏي لڪيئن وار" هيءَ سٽ اچا ۽ وڏيڪ انتظاريءَ جي ڏڀيل ڏرد کي کولي ظاهر ڪري ٿي، مگر انتظاريءَ جو اظهار جنهن نماڻائيءَ سان بيان ڪيل آهي، تنهن جو نظير ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ مشڪل ٿيندو.

ڪال ڪلاچي ونا، چتيون ڪٿي چنگير،
پاڻرن پيرو نہ ڪئو، آڏن ڪيو آوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪئن ورائي جهلي.

پاڻرن پيرو.... هن سٽ مان ڪيتري نہ رقت انگيزي محسوس ٿئي ٿي. پاڻرن جو پيرو نہ ڪرڻ، آڏن جي آوير ڪرڻ، اهي جملا هڪ اوسيڙي ۾ ٻهڳل پيڻ جي واتان نڪرن، سي ٻڌايو تہ پڙهندڙن تي ڪهڙو نہ اثر ڪندا؟ ڪيئن نہ سندن گهڄ ڳاڙيندا ۽ وڄ ڪنٺائيندا! انهن جملن ۾ جو جادو ڀريل آهي، سو صرف "پيرو نہ ڪرڻ" ۽ "آوير ڪرڻ" لفظن مان ظاهر آهي، جي پيئي لاڙي محاورا آهن.

ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رڃ ڪچاڙي رنڌ ٿا؟

هت ڏسو ته پنهنجي بيخبري، پر، دردوندي ۾ دل سان ڪيئن ته هڪ لفظ "ڪچاڙي" ڪم آڻڻ سان بيان ڪئي ويئي آهي. هڪ نماڻي تصوير ڪنهن پٽ جي آڙ ۾ بيٺي آهي، گُل تي هٿ رکيو پنهنجي اندر سان ائين پيئي اوري ته "خبر ڪونه ڏئي، ته رڃ ڪچاڙي رنڊ ٿا؟" کهڙي نه نماڻي ادا سان هي ۾ بيخبري ادا ڪئي ويئي آهي. اها خوبي صرف انهي ۾ ڪري ئي مٺين بيت ۾ ڏسجي ٿي جو منجهس لاڙي محاورو ڪم آيل آهي.

لاڙي ماڻهو پنهنجي نماڻي ٻولي ۾ ڀئيان خود به نماڻا ۽ نهٺا آهن. جڏهن هنن جو ڪلام تيزي ۽ تندي ۾ کان آجو آهي ته پوءِ منجهن تيري ۽ شوخي ڪٿان اچي؟

اڄڪلهه جا عالم ۽ سياڻا لاڙي ٻولي ۾ هڪ هي ۾ وڏ وجهن ٿا ته لاڙي ٻولي ٿورو ٻاتي ٻولي آهي. اها وڏ ميڻ جي قابل آهي، پر انهي گهٽتائي ۾ ڪري ڪو گرامر تي اثر ڪونه ٿو پوي، جيڪي ماڻهو پنهنجي زبان ۾ پورو مفهوم ادا ڪري وڃن، ۽ گرامري ڪسوٽي ۾ تي لکيي سنوان سڌا ۽ صحيح ثابت ٿين، تن کي يا تن جي ٻولي ۾ کي غلط يا ٻاتي ٻولي سڏڻ ۽ سمجهڻ به عيب آهي. چاڪاڻ ته اها سندن ڳالهائڻ جي ٻولي آهي ۽ نه لکڻ جي. لاڙي ٻولي ۾ جا گهٽتائي ڏني وڃي ٿي تنهن لاءِ لاڙي ماڻهن کي گهٽ جوابدار سمجهيو وڃي ٿو، چاڪاڻ ته اها گهٽتائي

منجهن صحبت يا سنگت جي رَسَ ڪري پيئي آهي.
دارد ڪ ٻولي، جا ڪشمير ۽ پنجاب جي طرف ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ٻوليءَ جا ڄاڙو جڏهن لاڙ ۾ اچي رهيا تڏهن سندن رهائشي اثر ڪري لاڙ-ين تي به ٻوليءَ جو گهاڻو اثر پئجي ويو جو هن ريت آهي:
دارد ڪ ٻولي ڳالهائيندڙن پنهنجي ٻاتائيءَ ڪري، يا پنهنجي زبان روانيءَ جي سهنجائيءَ ڪري، يا پنهنجي ساهتيه جي لحاظ ڪري، گهه، جهه، ڏ ۽ ٻ جـو آچار گ، ج، ڍ، د ۽ ب ڪري استعمال ڪيو ٿي. لاڙي ماڻهو جي سندن لهه وچڙ ۾ اچي ويا تن تي به سندن پورو اثر پئجي ويو، تنهنڪري هو به انهن ٿي ڳالهائڻ لڳا.
مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| ٻـَريو | بدران | بريو |
| گهـُريو | " | گـُريو |
| جهـُريو | " | جـُريو |
| ڏَرو | " | درو |
| ڏَني | " | دني |

پيون به ڪي ڦيريون ڦاريون ڪياڻون. مثلاً،

| | | |
|---|---|---|
| ڙ | بدران | ر |
| ڻ | " | ن ۽ ڙ |
| جيئن تہ چڙهيو | " | چريو |
| ماڻهو | " | ماڙهو |
| پاڻ | " | پان وغيره |

لفظن ۽ حرفن جي اهڙي مٿا سٿا کو وڏو عيب ڪونهي. اڄوڪي درسي سنڌي ۾ ڌارين لفظن کان آجي ڪانهي. لاڙي ٻولي جا اصل ۽ نج سنڌي ٻولي آهي تنهن کي ايتري ڦيرڦار ڪري ڇڏي ڏيڻ اهڙي ڇرپائي ۽ بي همتي آهي، جهڙي ڪو ماڻهو ڪٺي خزاني جي ڀريل ديڳ ڏسي، پر مٿانئس ڪنڊا ڪاٽيون ۽ پتر پٿر ڏسي تڪليف ڪرڻ کان ڊڄي ڇڏي اچي؟

# لاڙ

جاگرافيءَ جي ڇاڻن لاڙ کي سنڌ جو پنجون طبعي ڀاڱو ڄاڻايو آهي. طبعي ورهاست جي ويچار سان اها ورڇ پوري آهي، پر زبان ۽ ادب جي لحاظ سان اهو ورهاڱو اڻپورو آهي. ادبي لحاظ، جنهن جو هت اسان کي وڌيڪ خيال رکڻو آهي، تنهن موجب ساري سنڌ ملڪ جو ليڪ ڀڪ اڌ ڀاڱو لاڙ ۾ اچي وڃي ٿو. وچولي جا رهواسي حيدرآباد کان هيٺ واري ڀاڱي کي لاڙ سڏين ٿا؛ پر اتر جا رهواسي نوابشاهه ضلعي کان هيٺ واري ملڪ کي لاڙ ڄاڻائين ٿا، جنهن ۾ حيدرآباد ضلعو سڄو، دادو ضلعي جو اڌ، ٿر ضلعي جو وڏو حصو اچي وڃن ٿا. هتي پوئين ورڇ ادبي لحاظ سان ساڪائتي سمجهي وڃي ٿي، تنهنڪري اسان جي لاڙ جو سير انهيءَ سر زمين سان ڳنڍيل سمجهڻ کهرجي.

لاڙ هيٺانهون ڀاڱو آهي، تنهنڪري منجهس پاڻيءَ جي پوناڻي ڪاهه پسبي. درياءَ اندر ڪو ريڙهو هوندو، سو لاڙي سر زمين تائين آوس رڙهي اچي پهچندو،

انئين ئي ٻوڪ لاءِ نڪمي آهي، تنهنڪري هتّ ئي ڪو نه لائيندس. جي ڪنهن ڪيڙي تہ ڪٽيو ئي ڪوٽ جهڙو.

ڪاري زمين ئي ڪارا وڻ ۽ ٻوٽا هئا. مثلاً ڪاريٺون ڄاريون ۽ لائا جام ڏٺا. ڄارين ۾ پيرون جام ٻچن پر ڏٺو ڪٿا! واهن جي ڀرسان ڪهاڻا ٻيلا ڏٺا، جن مان لاک، ڪنئور، جلائو ڪاٺيون ۽ ماکي ملي. ٻيلا گهڻو ڪري سرڪاري آهن، ڪي ٿورا، زميندارن جي پنهنجي ملڪيت به آهن. ٻيلا ٻاڪين جو ڀرجهلو آهن ڏڪار خواهہ سڪار ۾ ٻيلا سدائين ساوا رهن، تنهنڪري آوسر ڏينهان مالدار مال ڪاهيو وڃيو ٻيلن پاسي رهن. ڪڙين ۽ واهن جي ڪنارن سان ڪانهن جون قطارون ڏٺيون، جي اهڙيون تہ گهاٽيون ۽ گوڙهيون آهن، جو منجهن وڪ وڪ تي ميرن جا ٿاڪ ڏٺا. ميرڙن سارين ۽ ڪمند کي خوب کائين.

باغات هن ملڪ ۾ ٿي ملڪ کان گهٽ آهي. حيدرآباد ضلعو سڄو، خاص ڪري ٽليليءَ جا ڪپ، ۽ ڪراچي وارو ٻاگو باغات کان مشهور آهن، جتي ميون سان گڏ ٻاڇيون ۽ آرڻ بہ جام پوکين. هتان جو ميوو سڄيءَ سنڌ ۾ وڃي، پر ٻاهر بہ وڃي.

سانوڻيءَ ۾ درياءَ جو جوش وڌي، واهہ ۽ ڪسيون ٿنوهتہ ڏينديون وهن. پاڻيءَ جي ٻلٽ کان ڊڙيون ڊڪا، ڏنيون ڏوڻ سپ ٻوڏ هيٺ اچيو وڃن، گهڻي

پاڻيءَ ۾ پون، تنهنڪري پاڻي ويتر ڇتٽ ڪيو وڃي. لاڙي ماڻهو اهڙي پاڻيءَ تي پيٽاري ويا آهن، تنهنڪري اهنج ڪونہ ڪرين. باقي ميٺي هيراڪ اتي ويو تہ ڇڻ موت جي منهن پيو. انهن تڪليفن ڪري لاڙ کي ساڙ ڪري سڏين.

# لاڙ جي تاريخي اهميت

تاريخي لحاظ سان لاڙ کي سڄيءَ سنڌ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. سمنڊ جي ويجهڙائيءَ ڪري ۽ منجهس جهونن ۽ سمنڊ ڙن بندرن ۽ شهرن هئڻ ڪري هيءُ خطو چمڪندڙ ستاري مثل هو. عربن کان اڳ هندو زماني ۾ منجهس وڏا وڏا بندر ۽ مشهور واپاري مرڪز هئا. مثلاً ديبل بندر، ٺٽو، پير پٺو، نيرون ڪوٽ ۽ برهمڻ آباد وغيره. انهن بندرن ۽ مکيه شهرن سان ڏورانهن ملڪن جو واپار ساموندي خواه سنگهيءَ رستي هلندڙ هو. واپاري نموني ڏي وٺ ڪرڻ ڪري، ۽ انهن ملڪن سان ڏيٺ ويٺ رکڻ ڪري هتان جا ماڻهو گهڻين ڌارين ٻولين ۽ رسمن کان واقف هئا. هتان جي بندرن تان ايراني نار، عراق، نجد، عمان، يمن، حجاز، مصر ۽ سوڊان تائين ۽ ڀارت ۾ ملبار ۽ سورت بندرن تائين وڏي پيماني تي واپار هلندڙ هو. قافلن جي رستي افغانستان، ايران، مڪران وغيره ملڪن سان ڏي وٺ ٿيندي هئي.

سڀ کان اول هن سر زمين کي ئي اهو شرف حاصل ٿيو جو مقدس اسلامي فاتح محمّد بن قاسم پنهنجا پير پَتَڏاريا ۽ کيس باب الاسلام جي لقب سان ملقب ڪيو. اسلامي تهذيب پکڙجڻ لڳي. عربن سنڌ تي ٣٠٠ ورهيه راڄ ڪيو. ايڏي وڏي عرصي ۾ سندن حڪومتي مرڪز يا گاديءَ جو هنڌ سر زمين لاڙ تي ٿيندو رهيو. عربن جي حڪومت جو اثر ملڪ تي ايترو پيو جو انهيءَ وقت جا اڻ ڀڙهيل ڏنار به عربي ٻولي سولائيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندا هئا.

عربن سان گڏ وڏا وڏا عالم، فاضل ۽ اديب به آيا هئا، جن هتي اچي درس تدريس جاري ڪيو. حڪومت جي ٻين شهرن ۾ وڏا وڏا مدرسا قائم ٿي ويا، جتي عرب خواه سنڌي نومسلم گڏجي تعليم وٺندا هئا. انهن مدرسن منجهان ڪيترائي سنڌي سندون حاصل ڪري ويا. وڏا وڏا محقق ۽ محدث پيدا ٿي پيا، جن پوءِ عربن سان گڏجي ڏورانهان ڏيهه وڃي واسيا. اڄ تائين به انهن سنڌين جو اولاد عرب ۽ مصر ۾ درس تدريس ڏيندو نظر اچي ٿو. حاصل مطلب ته سنڌ جي ٻين ڀاڱن لاءِ به علم و ادب پيراڻن جا دروازا هتان ئي کُليا.

عربن کان پوءِ اڄ تائين ڪيترين قومن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. حڪومتن جي مٽاسٽا ٿيڻ ۾ ڪيترئون ئي جنگيون لڳيون هونديون، جي گهڻو

ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو ڪـَهي اچي عبرت وٺي وڃن ٿا. آهي لعل اچ ۽ سڄڻ لاءِ سمر آهن، ڏکين جو جو ڏَڍُ آهن، اسونهن جا سونهان آهن، ۽ هر دردونديءَ دل جا درمان آهن. اچ به ڏسو ته ڪچهرين ۾ انهن جا قول ۽ ڪلام ماڻهو وڏي چاهه سان چيٺا چيو دل پيا وندرائين ۽ پنهنجو گوندر پيا گهٽائين. جا ايتري خوبين ۽ خاصيتن جو مالڪ لاڙ ملڪ سنڌ بجاءِ روءِ زمين تي ناز ڪندي نٿو سونهي؟

# لاڙ جي ادبي اهميت

اوهان مان جيڪي ويڙهيچا، ويڙهه ِوهاڪ آهن، يا جن کي جهنگ جهر مان گهڻو واسطو رهيو آهي، تن کي اها وڌيڪ خبر هوندي ته جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ ڪِنل ٻوٽا موسم جي مٽ سٽ پوٽتان ڪيئن نه پنهنجون صورتون ۽ حالتون بدلائين ٿا. ڪنهن سال جو بهار اهڙو ته زور وارو هوندو آهي جو ايندڙ خزان سندس اثر ڪري لڪ ئي ڪانه ڏيندي آهي، وري ڪڏهن ته خزان جو دَور اهڙو زور ٿئي جو ڪيئن بهارون اچن مگر ٿوٽ ٽڪائي ئي ڪين لڳن. يعني هرهڪ مند پنهنجو پنهنجو اثر رکي ٿي. اهڙيون ڪيتريون ئي مٽندون، خواهه ڪمٽندون اوهان ڏٺيون هونديون. مگر مٽند سارو ماکي ضرور ڪٽان نه هٽ آئي هوندو. ماکيءَ جي مک، جنهن جو ڪم ئي آهي مِٺي رَس گڏ ڪرڻ يعني چڱائيءَ جو ڪم ڪرڻ تنهن کي اهڙي ڪم ڪرڻ کان ڪير روڪي ۽ ڪير ٽوڪي، تنهنڪري ڪٽان ٿوري ۽ ڪٽان گهڻي ماکي آڻيو مڙيو ئي پنهنجو مانارو ڀري.

لاڙي سرزمين، جنهن تي حڪومتن جي ڦير گهير گهڻي ٿي، آن تي اهڙا انقلاب ڪنهن وقت بهار ۽ ڪنهن وقت خزان ٿي ثابت ٿيا. انهن انقلابن ۾ لاڙ، جنهن ماڪيءَ جي مکڻ جو ڪم ڏنو، تنهن ڪنهن زماني مان ٿوري ۽ ڪنهن زماني مان گهڻي ماکي ڏني ورتي، سون سالن جي سرتوڙ ڪوشش کان پوءِ نيٺ هن پنهنجو مانارو پريو، جنهن مان نه رڳو سڄيءَ سنڌ رَس ورتو پر انهيءَ ماکيءَ جي مٺاس اوپر توڙي اولهه ۾ رچائي ڇڏيو.

سرزمين لاڙ کي جا پهرين بهار هٿ آئي سا هئي عربن جي حڪومت. عرب سنڌ ۾ ڇو آيا؟ تنهن جو بيان تاريخن ۾ ڏنل آهي. هت فقط اهو ذڪر ڪرڻو ته عربن سنڌ وارن لاءِ ڇا آندو يا سنڌ وارن عربن کان ڇا ورتو؟ اسلام جي ظهور کان پوءِ عرب روءِ زمين جا فاتح مڃيل هئا. هو جنهن عالمگير مذهب جا پيرو هئا، تنهن مذهب ۾ عالمگير برادريءَ يا مساوات جو وڏو حصو جذب ٿيل هو.

جمعي جي ڏينهن ماه محرم ٩٣ هه ۾ جڏهن عرب، فاتح محمد بن قاسم جي سرڪردگيءَ هيٺ ديبل بندر جي ديوارن جي ڇانوَ ۾ اچي ڇانهريا، عين انهيءَ وقت هن سرزمين جي رهواسين جي دلين تي ڇنڊو پيو. جڏهن ته صبح جي هير اهو سنيهو سنڌين کي سڻايو ته "اي اوچ نيچ ۽ ذات پات جي بندڻ ۾ ٻڌل سنڌيو!

ايران مان پاڻ سان شاعر به آندا هئا. سنڌين به پارسيءَ ۾ ايتري مهارت حاصل ڪئي جو پارسيءَ ۾ پختو شعر چئي ويندا هئا ۽ نثر لکڻ جا به ماهر ٿيا، جو ڪيترن سنڌين پارسيءَ ۾ وڏا وڏا ڪتاب لکي شايع ڪرايا جي آن وقت جي مڪتبن ۾ پڙهايا ويندا هئا. اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيو ته پاڻهجي جو حڪومت جي نوارش ۽ قدرداني ڪري شايد سنڌين سنڌي زبان ۾ ڪجهه به لکڻ کان عار ٿي سمجهيو.

ڪئپٽن جارج سٽئڪ چوي ٿو ته "عربي ۽ پارسي سکڻ جو ماڻهن کي ايترو ته چاهه هو جو سنڌي ٻوليءَ کي هو مسخرن جي ٻولي ڪري چوندا هئا." شايد انهيءَ ڪري ٿي ڪنهن عالم يا اديب سنڌيءَ ۾ ڪجهه به لکڻ کان پاسو ٿئي ڪيو، يا ته سنڌي لکڻ جي هنر کان بلڪل بي بهره هئا.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته سومرن کان پوءِ جو سمن جو زمانو آيو، سو ادبي لحاظ سان هڪ خزان پٺيان اهڙي بهار هو جنهن جي اثر کي پوءِ ڪابه خزان لوڏي ڪانه سگهي. اسان کي سچو پچو سنڌي چوائڻ جو حق مليو سو سمن جي حڪومت کان پوءِ ئي مليو. نه ته انهيءَ ۾ وڏو شڪ هو ته اسين عربي ۽ پارسي ادب پٺيان عرب ۽ ايراني سڏجي وڃون ها، پر قدرت کي شايد اهوئي منظور هو جو اڄ اسين ڏسون ٿا.

ڪنهن جي وات َ جهڙيو، سو ائين ئي هڪ ٻئي ڪان ٻڌيو آيو ته واهه نه ته خير. اهڙيءَ طرح اسحاق آهنگر (١) جو هڪ ڏوهيڙو ٻڌرو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو. سنڌي شاعريءَ جو اهو پهريون ئي شعر آهي جو سنڌ وارن لاءِ ظاهر ڪجي ٿو:

ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرين جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَرَن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.

جيئن ته سيڪا ٻولي پهريائين نظم جي صورت وٺي ظاهر ٿي آهي، تيئن سنڌي ۾ اول نظم جي صورت ۾ ظاهر ٿي. هن ڪان پوءِ ڄام تماچيءَ جي وقت ۾ ماموئيءَ جا بيت ظاهر ٿيا، جي ستن درويشن جا چيل آهن. ماڻهو انهن بيتن کي اڳ ڪٿيون ڪري ميڙيندا آهن. انهن درويشن جا وڏيڪ بيت ئي نٿا سجهن، چاڪاڻ ته اهي ست بيت به ڪتابي روايتن موجب مٿئي پڇاڻا چيا اٿن. اهي بيت هن ريت آهن:

[١] درويش:-

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ.
ٻهه، مچي ۽ اوڙهه، سمين ويندي سوکڙي.

[٢] درويش:-

وَسيي وَسيي آرُ، جڏهن وجي ڦنڊو،
تڏهن ٻاروچاڻو ٻار، پنجين درمين وڪبو.

---

(١) اسحاق آهنگر وفات ٩٠٣هه — ١٤٩٧ع (تحفة الڪرام ص ١٧٩). گرامي.

[٣] درويش :-

ڪاري ڪاپاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مرمڇي ماري، سنڌ وسندي سنڌ ڙي.

[٤] درويش :-

مرمڇي ماري، مرمڇيءَ کهڙا پار،
هيئن ڪارين پوتيون، مٿن ڪارا وار.

[٥] درويش :-

لڳندي لاڙانهه، سونڪو ٿيندو سيري پر،
جڏهن ڪڏهن سنڌ ڙي اوڳوڙان وڙاٽم.

[٦] درويش :-

نيرا گهوڙا ڏُبرا، آتر ڪٿون ايندا،
گهاگهيريون گسن تي، ورهائي ويندا،
تنهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجاڻين جا.

[٧] درويش :-

اڇي ويهجا ماڙهئا! ننگر جي آڌار،
پراڻا پرار، نوان مَ اڏجا نيجهڙا. (١) (٢)

الهن ٽورڙن بيتن جي صحيح هجڻ ۾ ڪهڙو شڪ ڪونهي

(١) هرڻ هيڪ ۾ ان طرح بيت ڏنا آهن، ڏسو:
The Indus Deita Country pp; 125-127.
(گرامي)

(٢) ساموئي جا بيت سمي خاندان جي پڇاڙيءَ جي
پيشنگوئي طور ١٥٢٣ع ڌاري چيل آهن. (گرامي)

اختلاف آهي. اهي ساڳيا بيت ڪي وري هن ريت صحيح سمجهندا آهن:

[١] درويش:-

پکي پنڌ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو،
بهه، مٽي ۽ لوڙهه، سمين ويندا سوڪڙي.

[٢] درويش:-

زالن مٿي پم جوئيون، مڙسن مٿي وار،
پاروچا پار، ڏکي ڏي وڪامندا.

[٣] درويش:-

ستانوي ست چوڙ مي، اٺانوي هٽ تاڙ، (١)
نوانوي نر جاڳسي، پوري سؤ جهڪار.

[٤] درويش:-

الله حسبي، ڪلهوڙن ڪان ڪسبي، (٢)
ٽالپرن کي ڏسبي، تهان پوءِ پسبي.

---

(١) هيءَ شلوڪ ڪلڪي اوتار جي اچڻ لاءِ ڪنهن نامعلوم شاعر جو چيل آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو گرونانڪ صاحب جي شلوڪن مان آهي. (گرامي)

(٢) نمبر چوٿون ۽ پنجون بيت ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زوال ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جنهن مان ظاهر آهي ته اهي بيت ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دورن جي آخر ڌاري ڪنهن نامعلوم شاعر جا چيل آهن. (گرامي)

[۵] درويش :-

نيلو گهوڙو لقرو، او پارون ايندو،
نيلو ناالپرن جو، نهوڙي نيندو،
تهان پوءِ ٺٺندو، طبل تاجائين جو.

[٦] درويش :-

لڳندي لڙائي، سونچو سيري کان ٿيندو،
جڏهن کڏءِ سنڌڙي تو کي قنڌهاران جو کو.

[٧] درويش :-

متان وءِو ماڻهيا، ننگر جي آڌار،
پراڻا پرار، ٽوان اڏجو نجهرا.

سمن جي پڇاڙي ۽ ارغونن جي شروعاتي زور وقت هڪ اهڙو صاحب سر زمين لاڙ تي اچي وارد ٿيو، جنهن سنڌ ۽ جو آڳو پيچو جاچيندي ۽ انهيءَ تي غور ڪندي سنڌي زبان ۾ شعر چوڻ شروع ڪيا ۽ سنڌ وارن کي پنهنجي مادري زبان طرف راغب ٿيڻ جي ترغيب ڏيڻ جو مهورت ڪيو، آهو هو قاضي قاضن. تاريخ جا ورق ورائيندي اهوئي پهريون شخص ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن سنڌ وارن تي ٽڏو ٽورو ڪري پنهنجي طبع روان کي سنڌي زبان ۾ هلايو. هن مهل تائين جن سنڌين فقط ايراني زبان ۾ نثر يا نظم پئي ظاهر ڪيو تن جي ڏُن ۾ سجاڳي پيدا ڪيائين ۽ انهن جون مهارون ايران بجاءِ سنڌ ڏي وار يائين.

قاضي قاضن اصل سيوهڻ جو وينل هو پر پوءِ اچي

لڳي ۽ رهيو. جيئن ته انهيءَ زماني ۾ سنڌي ادب کي صفحهٔ ڪاغذ تي آڻڻ لاءِ ڪوبه طريقو ڪونه گهڙيو ويو هو، تنهنڪري جيئن شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ راڄي درويش جا ڏوهيڙا صفا ناپيد ٿي ويا آهن، تيئن قاضي صاحب جو ڪلام به رهجي ويو آهي. جيڪي ڪي ماڻهن هڪٻئي کان ٻڌي ياد پئي ڪيو آهي، سو ڏوڪرون کائيندو ۽ صورتون بدلائيندو آيو آهي. هت نموني لاءِ سندن ٻه ڏوهيڙا ڏجن ٿا:

١- سڄڻ منجهه هئام، سون اٿي ويا اوڏيا،
هيڏانهن هوڏانهن هٿڙا، هينئڙي جاڙ وڏام.

٢- سيئي سيلهه ٿيام، ٻڙهيام جي ٻاڻان،
اکر اڳيان آهري، واڳو ٿي وريام.

قاضي قاضن صاحب گهڻين علمي فضيلتن جو صاحب هو. قرآن مجيد جو حافظ هو. فقه، تصوف ۽ تفسير ۽ حديث ۾ گهڻي پهچ حاصل هيس. هيءُ سنڌيءَ جو ابو سن ٩٥٨هه ۾ هن دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو ڪري ويو، مگر سنڌ وارن تي جو احسان ڪري ويو، تنهن بدولت هو سدا جيئرو شمار ڪيو ويندو ۽ سنڌ وارن کي به حيات جاوداني بخشي ويو.

”اڻ هيريا مَ هير، ٻچُ مَ هير هيرين جي.“ جي مصداق سنڌين جي ذات هاڻي سنڌي نظم ڳائڻ وڄائڻ تي هيري. ٻڪياري وَهٽ جيئن ڪين وڌيڪ داڻي گاه جي ضرورت ٿي. هيترو وقت ڏارين ٻولي ڳائي وڄائي

پڇجي نٿو سگهي (١). مخدوم نوح ٩٩٨هه ۾ وفات ڪئي آهي. مخدوم نوح صاحب، شاهه عبدالڪريم کان گهٽو وڏو معلوم ٿئي ٿو، جيئن ته سندن ولادت جو سال ڪتابن مان ٩١١هه معلوم ٿئي ٿو.

شاهه عبدالڪريم کان پوءِ جڏهن سنڌ دهلي جي تابع ٿي، تڏهن شاهه عنايت الله صوفي جهوڪ شريف وارو پيدا ٿيو. صوفي صاحب ٻين شاعرن کان جان تان ڪي آڳاٽو معلوم ٿئي ٿو. صوفي صاحب جو رسالو به موجود آهي (٢). سندن وفات جو سال ١١٣٠هه ڄاڻايل آهي. صوفي صاحب نواب اعظم خان جي دربار ۾ ڪن سازشن يا ذاتي دشمنين ڪري گرفتار ٿي آيو هو. نواب جي طرفان سندس سرڪوبيءَ جي سزا بحال ٿي. جلاد جڏهن سندن گردن زنيءَ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن پاڻ هيءُ شعر چيائون:

رها نيدي مـرا از شـر هستي،
جـزاڪ الله في الـدّاريـن خيرا.

---

(١) مخدوم نوح جو بيت نموني طور لکجي ٿو: (گرامي)

ماڪ مَ پانيون ماڻهئان پيئي جا پرٖيات،
روئـي چڙهي رات، ڏسيو ڏکوين کـي.

(٢) شاهه شهيد جا ڪجهه فارسي شعر موجود آهن، باقي سندس سنڌي ڪلام جو ڪوبه مڪمل ۽ مرتب رسالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. (گرامي)

صوفي صاحب جو سمورو ڪلام صوفيانہ متي تي ٻڌل آهي. سندن شعر بہ ڏوهيڙن جي نموني تي ٻڌل آهي.

ٻورو پوءِ ڪلهوڙن جو وقت اهڙو بهاريءَ وارو ٿيو، جنهن جهڙي بهار سر زمين سنڌ وري نہ ڏٺي، ۽ شايد نہ بہ ڏسي. انهيءَ وقت لاڙي سر زمين تي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪئين جي مثل شاعر پيدا ٿي پيا، زبان داني ۽ طبع روانيءَ جو اهڙو تہ چرچو هليو، جنهن جي هاڪ ايران ۽ عربستان تائين بهچي ويئي. انهيءَ لڙهہ ۾ مخدوم ضياءالدين، مولوي ابوالحسن، ملا معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم، ميان محمد حسين، مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم عبدالله، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهہ عنايت الله رضوي وڏيڪ چمڪندڙ موتين مثل ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

جڏهن ڪوبہ نئون ڪاريگر ڪا شئين ايجاد ڪندو آهي، تڏهن ممڪن آهي تہ اُن ۾ اڃا بہ اصلاح جي ضرورت هجي. اهڙيءَ طرح شروعاتي شاعريءَ جو سهرو شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ قاضي قاضن پنهنجي سر تي ٻڌو ۽ پوين سندن اصلاح ڪئي. مگر سڀني کان زياده مصلح يا اُجاريندڙ هستي، جا انهيءَ لڙهہ ۾ هئي، سا هئي شاهہ عبداللطيف صاحب جي ذات بابرڪات، جنهن جي نام نامي و اسم گراميءَ کان ساري دنيا واقف آهي. شاهہ صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽

شاعري دنيا ۾ عجيب انقلاب آندو. شاهه صاحب کان اڳ جن شاعرن تي سر زمين لاڙ کي ناز هو، تن جي وچ ۾ شاهه صاحب ماهه ڪامل جي مثل چمڪيو. سر زمين لاڙ رکي رکي پنهنجي مائيٽي مهراڻ مان اهڙو مرڪندڙ ۽ چمڪندڙ موتي پيدا ڪيو، جنهن جي تاب کان دنيا جون اکيون پورجي ويون. اڄ سنڌ وارا اهڙي هستيءَ تي جيترو ناز ڪن سو ٿورو آهي. شاهه صاحب کان اڳيان شاعر جن ڏوهيڙا چيا هئا، تن سيني ساڳئي تتبع تي طبع آزمائي ڪئي هئي. البت مخدوم ضياءالدين وارن جو زمانو، جنهن ۾ ڏوهيڙن کان سواءِ مناجاتون به چيون ويون هيون، سو شاعري دنيا ۾ ڪجهه انقلاب ڏيکاري ٿو. پر شاهه صاحب پنهنجي طبع رسا جي وسيلي آهي شاعريءَ جون حدون ڏوڙي سيني لاءِ رستو ڪشادو ۽ صاف ڪري ڇڏيو.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جو زمانو آيو. هن زماني ۾ علم ادب کي چڻ ته نئين جواني هٿ آئي، جيئن ته سنڌي شاعري ايراني ڍنگ ۾ فن عروض موجب قاعدي قانون اندر نئين سر نمودار ٿي. اهو نمونو سنڌ وارن کي اهڙو وليو جو اڳئين وقت جي شاعري (ڏوهيڙا چوڻ) ماٺهن لاءِ عيب ٿي پيئي. اهڙي حقيقت سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي شعر جي تاريخ تي مختصر روشني وڌي وڃي.

---

# سنڌي شعر جي مختصر تاريخ

سنڌي شعر جي تاريخ ڄاڻڻ کان اڳ اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته ”شعر“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

شعر جي لغوي معنيٰ آهي دريافت ڪرڻ يا باريڪ طرح شين جي جاچ ڪرڻ. مگر اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي ٿو جو بامعنيٰ لفظن ۾ ڪنهن خاص معنيٰ تي ٻيهارئل هجي يا موزون هجي.

اڪاسي، ٻياسي، ٽياسي، چوراسي
پنجاسي، ڇهاسي، ستاسي، اٺاسي
وزن – فعولن فعولن فعولن فعولن

هيءُ هڪ موزون شعر آهي، پر بي معنيٰ آهي، تنهنڪري هن کي شعر نه چئبو.

**شعر علم به آهي ۽ هنر به:-** علم جي لحاظ سان شعر سائنس جي ابتڙ آهي. ڇاڪاڻ ته سائنس شين جي سچي پچي حالت بيان ٿي ڪري، مگر شعر وٽ سڀ ڏيئي ساڳي ڳالهه کي نئي نمونلي ۾ پيش ڪري ٿو. مثلاً سائنس ٻڌائي ٿي ته صبح يا شام جو ڪڪرڙهائڻ

يا شفق ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا ڪرڻ جي موڙ ڪري ٿيندي آهي، مگر شعر چوي ٿو تہ انهيءَ وقت تي ويچارو آسمان عاشق وانگر ڪنهن معشوق جي هٿان قتل ٿي خون ۾ لعل ٿيو آهي. سائنس چوي ٿي تہ سج افق کان ٻاهر نڪري ٿو. مگر شعر چوي ٿو تہ سج ڪھوڙڻين وانگر سونو ٿال سٿي تي ڪري نڪتو آهي.

هنر جي حالت ۾ شعر وري نثر جي ابتڙ آهي. نثر جي معني آهي موتي هاري هيٺ وکيري ڇڏڻ، ۽ نظم يا شعر جي معنيٰ آهي، آهي هاريل موتي ڪنهن لڙهيءَ ۾ پوئڻ. اهڙيءَ طرح وکريل موتي پوئڻ بہ هنر آهي.

نظم موزون آهي ۽ نثر غير موزون. جيڪي لفظ نثر ۾ آهن سي ئي لفظ نظم ۾ بہ آهن، مگر تفاوت فقط هي آهي جو هو قاعدي جي وڪڙ ۾ اچي مٺجي سٺجي اهڙو زود اثر پيدا ڪن جو ٻڌندڙن جا ڪنچ ڳاريو ۽ دل کاهيو وڃهن.

شعر ڇگن هنرن مان هڪ هنر آهي، جيئن تہ نقاشي، عمارت سازي ۽ راڳ. جهڙيءَ طرح نقاشن جو ڪم آهي رنگن سان، عمارت ساز جو ڪم آهي پٿر سان، ۽ راڳ جو واسطو آهي آواز ۽ سُر تار سان، انهيءَ ريت نظم جو واسطو آهي لفظن جي ٻيهڪ ۽ راڳ سان. شعر جو راڳ سان اصل کان گهاٽو واسطو آهي. راڳ آهي گهوڙو ۽ شعر مٿس سوار.

شعر جڏهن راڳ تي سوار ٿي ٻاهر نڪري ٿو تڏهن وڌيڪ سٺو، سهڻو ۽ من موهڻو نظر اچي ٿو.

علم ادب يا ساهتيہ جي لحاظ سان شعر نثر کان اڳ ڄائو آهي. انهيءَ زماني ۾ شعر جو مضمون اڪثري بهار، جنگ ۽ مذهبي ڳالهين بابت هو، جيئن اڄ بہ ڪي ٻتڪ يا چارڻ ڳائيندا وتندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو شعر پنهنجي يا ٻين ملڪن جي قصن ۽ جنگين بابت بہ چيل آهي، جيئن تہ راءِ ڏياچ، سسئي پنهون، عمر مارئي، هير رانجهو، مومل مينڌرو، دودو چنيسر، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار، يوسف زليخا، ليلي مجنون ۽ ٻانڪو شاه بهرام وغيره.

**هندي ڀاشا جو شعر:-** هندي ڀاشا جو شعر دهرن يا ڏوهيڙن ۾ هو. ساڳيءَ طرح سنڌي شعر بہ اول ڏوهيڙن ۾ چيل هو. ڏوهيڙن جون ٻہ سٽون ساڳي طرز ۾ هڪ جهڙن پدن ۽ ساڳئي قافيہ تي جوڙ ۾ ايندڙيون هيون. ڏوهيڙو اصل لفظ دهرو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻہ سٽون، ٻہ يا ٻيڻو.

١٣٠٠ع ڌاري سومرن جي زماني ۾، جڏهن سنڌي ٻولي پراڪرت ۽ وراچڊ جي ميل جول کان گهڻو ڇنڊ جي ڇاڻجي اچي آجي ٿيل ٿي ڀانئجي، تڏهن جيڪي بہ ڏوهيڙا وغيره چيا ويا هوندا سي ضرور نج سنڌيءَ ۾ هوندا، مگر آهي هن وقت ناپيد آهن. سي کان مهنديان شاعر جن ڪي ڏوهيڙا چيا آهن ۽ جن جو ٿورو

ٽتو پنجي سکيو آهي سي هئا شيخ حماد، راڄو درويش ۽ اسحاق آهنگر. شيخ حماد حافظ شيرازيءَ جو همعصر ٿو ڀانئجي. سندس سال وفات ٠٨٧هه آهي. انهن کان پوءِ جو شاعر پيدا ٿيو، جنهن سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙا چيا آهن ۽ جو وڏيڪ پڌرو سڃاتو وڃي ٿو، سو آهي قاضي قاضن (١). هي پهريون ٿي شاعر آهي جنهن جا ڏوهيڙا البت وڏيڪ انداز ۾ پڌرا وڃن ٿا، تنهنکري عام طرح سنڌيءَ جو پهريون شاعر کيس ڀيو وڃي ٿو. قاضي صاحب جا ٻه ڏوهيڙا هيٺ ڏجن ٿا:

(١)

سائر ڏيئي لَتَ، اوڇي نيچي ٻوڙيٌ،
هيڪائين هيڪ ٿيو، وٺي سڀ جهت.

(٢)

"لا" لاهيندي ڪن ڪيٌ، "لا" مورهين ناهه،
بااللّٰه ري پريان، ڪَمُتَ نه ڏسي ڪي ٻيو.

قاضي صاحب کان پوءِ ترت شاهه عبدالڪريم صاحب بلڙيءَ وارو وجود ۾ آيو. شاهه صاحب ٻه قاضي صاحب جي تتبع تي شعر چيو آهي، جيئن مٿي ڪنهن هنڌ ڄاڻايو ويو آهي. شاهه صاحب ٻه دهرا چيا آهن جن مان فقط ٻه دهرا نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

---

(١) قاضي قاضن جا ڪل ۷ بيت آهن، جن عالمن سوڌي سنواري لکيا آهن- گرامي

( ١ )

مٿيٺ پيڙ يائي پلي، جو آهي تہ واءِ،
جو پڌر وڏي ڳالهڙي، تو چڙي ويندي ساءِ.

( ٢ )

مڏم منڌ ويٺهہ، آيي اوسڙ آس ۾،
تو سيٿي سين ڪيا، ڏور جنين جو ڏيٺهہ.

شاهہ عبدالڪريم کان پوءِ ٻيو شخص (١) جنهن شعر ۾ ڪجهہ انقلاب آندو سو هو شاهہ عنايت الله صوفي جهوڪ وارو. صوفي صاحب بہ دهرا يا ڏوهيڙا چيا آهن (٢) مگر انهن ۾ سٽن جو تعداد وڌائي رکيائين، يعني ٻن کان وڌيڪ سٽون استعمال ڪيائون، مثلاً:

---

(١) اصل ۾ شاهہ ڪريم کان پوءِ شاه لطف الله قادري آهي، جنهن بيت کي وسعت بخشي (سن ١٠٢٠-١٠٩٠هہ) جنهن جا بيت ٻن سٽن کان وڌيڪ آهن- گرامي

(٢) هي بيت شاهہ شهيد جا ڪري پيش ڪيا ويا آهن، مگر انهن جو ڪو علمي ۽ مستند ماخذ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. فقط سپ عالم، ديوان خوشيرام جي ننڍڙي ڪتابچي "صوفيانہ ڪلام" مان اهي بيت نقل ڪندا آيا آهن خود ديوان صاحب ڪو بہ محققانہ حوالو نہ ڏنو آهي. ٻيو تہ فقط عنايت لکيو اٿس، جنهن مان ڪا، صفائي ٿي نٿي سگهي.

( ١ )

تنهنجو تـو ۾ نـي، پيانـيءَ کي ٻـوڙ،
اندر ساهه سريو ۾، جايون جانب جـوڙ،
هن کي هتي چوڙ تہ، وڃين پهچين پر کي.

( ٢ )

ڏوهہ تہ منهنجي ڏينهن، ننهن نہ نيو سيرين،
لنگي پنهنجو نينهن- چنا، چنن ڪينڪي.

( ٣ )

هاڻ مون تي حق ٿيو، پهچڻ پنهونءَ وَس،
آري عنايت چـوي، لـوڙي آءُ لهنديس،
اتي نا رهنديس، جيڏ يون پنهنجي جت ري (١).

شاهہ عنايت الله صوفيءَ کان پوءِ يعني ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ شاعري جي دنيا چوٽ چڙهي ويئي، هن کان اڳ جو فقط تصوف جي مستي تي شعر چيا ويندا هئا، تن ۾ ٿورو ڦيرو آيو. اتي ۽ ان جي آسپاس مان هڪ ئي وقت عالمن ۽ فاضلن جو گروهہ پيدا ٿيو،

(١) اصل ۾ 'عنات' ۽ 'عنايت' جي نالي ۾ ٻہ ڄڻي نالا اچن ٿا. هڪ شاهہ عنايت رضوي نصرپوري، جنهن جو شاهہ لطيف همعصر هـو؛ ٻيو شاهہ شهيد، ٿيون فقير عنايت، جو لطيف جو مريد هو. ٻيتن جي انتخاب ڪندي ڪيترن عالمن انهن ٽنهي بزرگن جو ڪلام خلط ملط ڪيو ٿو ڏسجي- گرامي

جن جي تلقين ۽ تبليغ ڪري ڪيترا غيرمسلم مسلمان ٿيا، جن جي هدايت لاءِ اسلامي حڪم احڪام شعر ۾ ظاهر ڪيا ويا، جيئن مالڪن جي دلين تي آهي چٽيءَ طرح نقش ٿين ۽ ماڻهن ۾ حڪمن ۽ فرضن بجاءِ لاءِ چاهه جاڳي. پهريون شخص جنهن اسلامي فرضن ۽ روايتن کي شاعري رنگ ۾ ظاهر ڪيو هو سو هو مخدوم ضياءُ الدين صاحب. مخدوم صاحب ۱۰۹۱ هه ۾ تولد ٿيو ۽ ۱۱۷۱ هه ۾ وفات ڪيائين. اهو پهريون ئي شخص هو جنهن ڏوهيڙن جي رنگ ۾ هڪ نئين قسم جي شعر جي ايجاد ڪئي، اهڙي شعر کي "ڪبت" ڪري سڏيائون، جنهن ۾ سٽ سٽ ۾ جدا قافيه آڻي جي بدران ڪجھ جيترن سٽن جو هڪ قافيو رکي پوءِ ٻيو قافيو ڪم آندائين. جيئن ته:

فرض آهي ماهه پڙ تي سڀ سوڌي پٽ،
ته موڪلي مڪتب ۾ صغير وڏي سٽ،
ته تابع ٿئي طبيعت جو مومن وڏي مت،
راتو ڏينهه پالڪو ڪري نماز پرت،
وضوءَ جي وجود ۾ ٻيي ڪري پرت،
ڏهن ورهن جو جي ٿئي ته مترآن ماري،
نندي کي نماز لاءِ چابڪ چڪائي،
جي غافل ٿئي نماز ۾ ڪلهن آسارو،
ته هيڄ هڪاڄ ان کي متان او ٿئي امارو،
ٻيي ذات نماز جي مودو موارو،

ولادت جو سال ۱۰- ربيع‌الثاني ۱۱۰۴ھ آهي. مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين ٺٽوي ۽ مخدوم ضياءالدين ٺٽوي جو شاگرد هو. هن صاحب بدعات جي برخلاف سخت جهاد ڪيو، ۽ پيري مريديءَ جي لعنت کي کهڙي پاڳي پنجو ڏيئي چڏيائين. انهيءَ وقت غلام شاهه ڪلهوڙي جو سنڌ ۾ راڄ هو. غلام شاهه پاڻ به مخدوم صاحب جو معتقد هو. مخدوم صاحب جا ۱۵۰ ڪتاب عربي، پارسي ۽ سنڌي زبان ۾ تاليف ۽ تصنيف ٿيل آهن. هن بزرگ ۽ نامور صوفيءَ ۷۰ سالن جي عمر ۾ ۱۱۷۶ھ ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو مڪليءَ تي آهي. مخدوم صاحب جو شعر صوفيانو، اصلاحي ۽ ديني وائن جي سمجهاڻي تي آهي. مثال طور هت سندس شعر جو ٽڪرو ڏجي ٿو:

جان جان درس نه ديکيو، نرتو نيڻن سان،
تان تان سک نه جنڊڙي، ورهن رات وهاءِ،
هيسين ۾ هيج گهڻون، پچي ته پور منجهانءِ،
ڪاميو ٿين ڪنپ سو، لوچي لالن لاءِ،
سچڻ رهيا روح ۾، اندر اوتارا،
آهيم سڌهد سرير ۾، گهڻي اپارا،
هينڙو هوت حبيب جي، سڪي ۽ سڏاءِ،
ويو واوڊ ڙن جيئن، لڇي ۽ ليلاءِ،
جهلي رلي نه رهي، وئڙو پاڻ وسا،
سون ڪي محبوبن جا، دل ۾ داغ دکئيا،
ڀڙن ڀڙڪن ڀهون ڀرين، جگر ۽ جونرا،

لڙسيئو لاءِ لالن جي، ڪامڻو ڪن ڪوُنرا،
ڦاٽيون ڦٽ فراق جي، اکڙيون اصلا،
ونين وسامڻ ناهڪو، آڏمن انڌوها،
هنجهون هاري جهليون، رت ڪري رنيلا،
راتين رون پرين ڪي، ڪڇن ڪين ڏينها،
پر ۾ پچڻ آئيو، ڪرين اوجاڳا،
آڻن سنداءِ آڪ ۾، عاشقن انڪڙا،
سڪڪا سرهم ڪاٽ جيئن، منجهان ۽ ٻهيرا،
سدا سِڪ هون جن ڪي، جي سي مڙن ما،
تہ ونيو وڇاڻا ڪريان، آءٌ تن اڳيا،
چنڊيان ڪيهم اکين سين، نميو پيرن تان،
صبح سوارا سوريان، سڳر سپرين جا،
تہ ڪر سڏون سيڻي، پنيون تيا ڪم پورا.

مخدوم عبدالله جو شعر سندس ڪتاب ڪنزالعبرت ۾ "قمرالمنير" ۾ موجود آهي.

انهيءَ ساڳيءَ لڙهہ ۾ (۱) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شاهہ عنايت الله رضوي نصرپوري ۽ خواجہ محمد زمان لنواري وارا بہ آهن مگر انهن جو شعر پيچيدو، ذومعنيٰ ۽ معرفت الاهيءَ ڏي رجوع ڪندڙ آهي.

---

(۱) ان سلسلي ۾ شاهہ ڪريم ڪان پوءِ شاهہ لطف الله قادري آهي، جنهن جو ڪلام جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرتب ڪري شايع ڪيو آهي- ڪرامي.
سندن سارو ڪلام تصوف ۽ توحيد جي مٿي تي چيل

آهي. خواجہ محمد زمان جو ايترو شعر هٿ اچي ڪونہ سگهيو آهي. سنڌ ۾ ٨٥ کن بيت پڌرا ۾ اچن ٿا، جن مان ڪجهہ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ڪتاب ”لنواريءَ جا لال“ ۾ ڏنا آهن، جن مان ڪي بيت هت ڏجن ٿا:

( ١ )

صورت معنيٰ وچ ۾ ڪونهي وچ وڇاءِ،
هئو نہ سڃاپي هن ري، هي مور نہ موجوداءِ،
ڪٿي جو هو ڪولجي، ڪٿي عرض بہ آه،
حقيقت هيڪاءِ، پر نالن مٿو اماهہ ڪو.

( ٢ )

ڪٿي نظر نقل جو، ڪٿ ٿيڻ ڪلام،
ڪٿي فوج فڪر جي، ڪٿي مات مقام،
ڪٿي مس چوڻ مام، ڪٿي ڪيڻ پڌرو.

( ٣ )

عدم اوتارون، نامرادي سمرون،
ڪفر ۽ اسلام کان، لنگهي هوت لڌون،
ڇڏي خوف اميد کي، سچڻ صحي لڌون،
رضا راڄ سندون، مور نہ مڱن ڪي پيو.

( ٤ )

خودي ڪٿي پاڻ سين، هتان جي هلئا،
مي لوڪ ڇڏ يندي لهر جيئن، مري محو ٿيا،
جي آب هئا، تہ لهريون سپ لباس هيون.

(۵)

ويهه وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٺيو انگ اڳيون، واري پيو لکن،
پنو سو پاڙهن، جنهن مان پسڻ ٿي پرين کي.

(٦)

جاهل ذوق سکن جو، عارف سور سهاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رسي روح کي.

(٧)

چڏيان هي جهان، هو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سري جيڏيون (۱).

شاهه عنايت الله رضوي، شاهه محمد مڪيءَ جي اولاد مان هو. شاهه محمد مڪيءَ جو احوال "قديم سنڌ" ۾ ڏنل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هن جو همعصر هو.(۲)

---

(۱) ابيات سنڌي، نالي ڪتاب علامه دائود پوٽي جو ڇپيل آهي. جنهن ۾ مخدوم محمد زمان لواريءَ واري جا بيت، شرح ۽ معني سان ڏنل آهن-ڪرامي

(۲) چيو وڃي ٿو ته لطيف جي سائس وڏيءَ عمر ۾ رهاڻ ٿي. سنڌس ٿي اشاري تي لطيف مارئيءَ جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا ۽ لطيف جي مشوري تي شاهه عنايت مسٽي جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا. حالانڪه شاهه عنايت وڏيءَ عمر جو، پختو ڪلام شاعر هو، ۽ لطيف نوجوان هو. سمجهڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اهو قياس صحيح نه آهي-ڪرامي

نصرپور ويجهو لکمير ڏيهہ ۾ موسي آهيداني جي مقبري ۾ دفن ٿيل آهي (۱) سنڌس شعر بہ ڏوهيڙن ۾ چيل آهن، جيئن تہ:

(۱)

پيٽڪ جن پرن ۾، ڪيهہ ڪنونبا ڪاچ،
آلـو پهر عنايت چئي، واڇـونـو وهـاچ،
ڪنين ڪڏهن نہ پيو، تـن آڏي جو آواج،
جـم رلائـيـن راج، عـمـر ابـاڻـن جـو.

(۲)

رات رپـاري آئيو، آلـي جـو اونـي،
تليون سپ تار ٿيون، سپ جڻوءِ سٽوني،
کوءِ پيا ڪانا ۽ ڪوني، لڱئون اوهہ لهي پيا.

(۳)

لـڱئون لـوهہ لهي پيا، ٿيو پنـد پـدا،
سئوم واءُ وصال جو، ڪهندي ڪانگ مٿلا،
الئي پهر عنايت چئي، آس مَ لاهہ هـينيا،
سـتـي سنجهہ سـپـا، ملنديءَ ميٽ ملير ۾.

انهيءَ حد تائين سيني شاعرن ڏوهيڙن جي نموني تي ڪلام چيا آهن، فقط ايترو ڦيرو منجهن ڏسڻ ۾

---

(۱) شاہ عنايت رضوي نصرپوري جو ڪلام جناب ڊاڪٽر بلوچ مرتب ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپيو آهي – گرامي

اچي ٿو جو ڏوهيڙن ۾ سٽون وڌايون ويون آهن. باقي جيڪا بي ڦير ڦار ٿي آهي سا سنڌ جي سرتاج ۽ تاج الشعرا حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وسيع ڪلام سان ٿي.(١) جيئن ته هت سنڌي شعر جي تاريخ ڏلي وڃي ٿي، تنهنڪري اهو ضروري آهي ته آهي ڦيريون ڦارون مثالن سان سمجهايون وڃن.

(١) ڦيرڦار:- ٻن سٽن واري ڏوهيڙي جي حالت ۾ بعضي قافيو ٻنهين سٽن جي ڇيڙيءَ ۾ رکيائين، بعضي انهيءَ قاعدي جي پابندي نه ڪري قافيو ٻنهين سٽن جي وچ ۾ آندائين، بعضي ٻهرين سٽ جي ڇيڙيءَ ۾ ۽ ٻوئين سٽ جي وچ ۾ ڪم آندائين، مثلاً:

(١)

سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهه نما،
و تعز من تشا، و تذل من تشا.

(٢)

هن تاري هن هنڌ، هت منجهان سهرين،
سڄڻ ما ڪيءَ منجهه، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهن.

---

(١) لطيف کان اڳ ان قسم جو ڪلام شاهه لطف الله قادري جو آهي. جنهن جو ڪلام تازو ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرتب ڪري ڇپايو آهي- ڪرامي

(٣)

سو هيي، سو هتّو، سو اجـل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو وِهري سو واهرو.

(٢) ڦيرڦار: ڏوهيڙن ۾ سٽن جو تعداد وڌايائين، مثلاً
عاشق زهر پياڪ، وِهئہ ڏسي وهسڻ گهڻو،
ڪڙي ۽ قـاتـل جا، هميشه هـيـراڪ،
توڙي ڇڪين چاڪ، تہ بہ آه نہ سٽن عام ڪي.

(٣) ڦيرڦار: ڪنهن بہ شعر ۾ ڪا وڌي آيت وجهي
وزن ڪان وڌائي ڪم آندائين، مثلاً:
ڪونهي قادر ڪو پيو انهيءَ جو اپاڳ،
”قل ان يصيبنا لا ڪتب الله لنا هتّو مولانا“
اي معرفت ماڳ،
سيونـي سپاڳـ، مـارئي مساوي ڪيو.

(٤) ڦيرڦار: شاهہ صاحب هڪ نئون نمونو شعر جـو
ڪم آنـدو جو اڳي رواج ۾ نہ هو. اهڙي قسم جـو
شعر کي ”وائي“ سڏيو ويو، مثلاً:

ھَسي ڳاڙها ڪَنَل، متان ڪو چانگي کي چاري.
مَٽڪ بہ ايندءِ موت جو، ڪري هيبتون هٺَل ـ پسي....
ليئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، مٽان پڙهندءِ ڦٽل ـ پسي....
ادپون شاهہ لطيف چئي، مون تان لاهج پئَل ـ پسي....

الهيءَ وقت ۾ سنڌي شـعـر جـو هڪ نئون نمونو
وجود ۾ آيو جنهن ۾ ننڍيون ٽُڪون رکندا هئا، ۽
منڍ واري ٽُڪ هـر هڪ بـنـد جـي پويان رکندا هئا،

اهڙي شعر کي ”مدح“ سڏيائون. اهڙي قسم جون مداحون اول ميان سرفراز ڪلهوڙي (١) ۽ جمن چارڻ چيون آهن.

ميان سرفراز :-

پلا پام، هن غلام، سند و سوال سڄ تون،
آهيان ڏڏ، غمن ڪُڏ، سچا سڏ، سڄ تون،
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين تون،
پلا پام، هن غلام، سند و سوال سڄ تون.

جمن چارڻ :-

يا پير پيران دستگير!
ديدار جو مشتاق من، مونکي پسائين پاڪ تن،
مشرف ڪرين جڳ ۾ جمن، توهان گهران آمن و آمن،
يا پير پيران دستگير!

اهو شعر جو نمونو ٽالپرن جي اڏ حڪومت تائين هليو. مير ڪرم عليءَ جي ڏينهن ۾ سنڌي شاعرن شروع ڪيو. انهيءَ وقت جي ماڻهن مان پهريون سيد ثابت علي شاهه ولد مدار علي شاهه هو، جنهن سوزون شعر چيو. هن صاحب مرثيا، منقبت، هجو وغيره گهڻائي چيا آهن. سندس ڪلام مان ٿورو مثال طور هت ڏجي ٿو:

---

(١) ڪن محققن ان کي ملا سرفراز جي تاليف قرار ڏنو آهي. پيو ته ميان سرفراز جو فقط فارسي ڪلام موجود آهي. (گرامي)

جنگ جا نوبت نغارا ٿيا شروع،
حشر ٿيو مقتل ۾، مارو ستو ۽ سٽو،
آت منادي موت جي ٿي ڪٿو ۽ ڪنو،
رڪ جي بادل مينهن ٿي برسايو لوهتو،
ٿيا اُڙن جيئن تير، ۽ ورچ جيئن ترار،
شاهه ٿي نت شڪر ڪيا پر ڪردگار.

هيءَ وقت سنڌي ادب لاءِ ٿي بهاري ثابت ٿيو. منجهس چڱا چڱا شاعر پيدا ٿيا، جن موزون شعر چيا. فرمانروا مير خود اديب ۽ باڪمال شاعر هئا، تنهنڪري شاعرن ۽ اديبن جو وٽن ڪافي قدر هو، انهيءَ ڪري گهڻائي شاعر پيدا ٿيا.

موزون شعرن ۾ مڪمل ديوان لکڻ جو شرف خليفي گل محمد هالائيءَ کي نصيب ٿيو (١). خليفو گل محمد ١٢٢٦ هه ۾ ڄائو هو. هن صاحب علم عروض جي مکيه بحرن تي سنڌيءَ ۾ گهڻائي غزل چيا آهن. هن منزل تي سنڌي شعر ۾ غزلن، ڪافين ۽ قصيدن جو واڌارو ٿيو. خليفي صاحب پنهنجي ڪلامن ۾ گهڻو ڪري نج سنڌي ڪم آندي آهي. سندس غزلن مان هڪ نموني طور هت ڏجي ٿو:-

---

(١) عروض تي غزل سڀ کان اول سچل سرمست چيا آهن، باقي پهريون مرتب 'ديوان گل' چيو وڃي ٿو. (گرامي)

ڇَڏُوب ناهي ڀوڪ کي ڀاڙان ڀَڃڻ،
ڏَنر ڪَچو ڀِترن ۽ ٺِڪرن مان سَٽڻ.
جوار مُٺ تي ڪني آيري شروع،
ڪِڪ کي ڪَتي اندر گهُرجي ڇَڻڻ.
جت ڀُڙو هڪڙو زياده ته جُڙي،
سٺ ليٺي پنهنجو آتي گهرجي مَڃڻ.
جي ٻوي ٻرجي ڪَٺُو گيهه تيل سان،
مرت مان گهرجي مگهو آن کي ڏَنڻ.
ناهي سپ سودي ۾ کَٽيو ۽ ڇيڙو،
ڪٽ آهي هارڻ ڪٿي آهي ڪَٽڻ.
راند ۾ ڇوڪر ايا هوشيار ٿي،
هي مڙسي ڪينهون ڏوران ٿي جهٽڻ.
ماڻهون صف جُنڪ مڙسن جي ڪهيڙي،
پوءِ نه لازم "ڳَنل" وري پٽي هڻڻ.

انهيءَ کان پوءِ واري زماني ۾، آخوند محمد قاسم ولد نعمت الله پراڻن ڪالن وارو وڏو شاعر به موجود هو. سندس "ديوان قاسم" پڻ موجود آهي. سندس سال ولادت ١٢٣٤هه ۽ سال وفات ١٣٠٩هه معلوم ٿئي ٿو. آخوند صاحب حيدرآباد ۾ گهڻو وقت رهيو. آتي درس و تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس مڪتب ۾ هندو و خواه مسلمان گڏ پڙهندا هئا. "ديوان قاسم" مان هڪڙو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

نہ يڪدم دور ٿي دل کان ڏنل دلدار جو اخلاص،
هنئين آهيم هر هر هن هنئين جي هار جو اخلاص.
رکي پٽڪ پرت پائڻ جو، اسان سان لاڳ لائڻ جو،
سدا موهي ڇڏي مون کي مٺل منٺار جو اخلاص.
مدامي من اندر محڪم هجي جي جان ۾ هردم،
مٺي محبوب مشفق جي سندي جنسار جو اخلاص.
رکي بلبل برهہ پيرو، ہـڏي جيئن ساڻ گل گهيرو،
اندر ۾ آهہ عاشق جي پريان جي پار جو اخلاص.
رکي جـڙ جان ۾ جنهن جي ڪري ”قاسم“ طلب تنهنجي،
رهيـم منجهہ روح اسدالله عظمت دار جو اخلاص.

هن دؤر ۾ موزون شعر جو رواج ڦوهہ جوانيءَ کي وڃي پهتو ۽ ڏوهيڙن جي پيري ٿي. وقت اهڙو اچي پيئو، جو ڏوهيڙن چوندڙن کي شاعر ۽ ڏوهيڙن کي شعر چوڻ کان بہ ماڻهن نفرت پئي ٿي.

آخوند محمد قاسم کان گڏ سيد فاضل شاهہ رهندو هو، جو پڻ چڱو شاعر هو (۱) سندس ”ديوان فاضل“ مشهور آهي. فاضل شاهہ پنهنجي شعرن ۾ڪوشش ڪري ٺيٺ سنڌي ڪم آندي آهي، جا ڏاڍي وڻندڙ آهي. نموني لاءِ سندس هڪڙو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

---

(۱) فاضل شاهہ ’فاضل‘ جا همعصر ۽ صاحب ديوان پيا بہ گهڻا آهن، جي ادبي تاريخ ۾ ڏسڻ گهرجن. ’فاضل‘ قادرالڪلام استاد شاعر هو. (گرامي)

منجهہ اندر ٿي آڳ آڻي ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ،
جوش ۾ ٿي جان ڦاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
درد ۾ دل دردمندن جي جلي منجهہ جوش جهڙ،
چَر وڏي جهري چـراڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
هانوَ هڏ چـم آڳـرا سڀ سجهايا مغز ماهہ،
عشق جي آتش آساڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
دمبدم غم ۽ الم جي ساهہ تي هر صبح شام،
ٻاهہ ٻرڪن کي ٻُسائي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
نڪر "فاضل شاهہ" اندر ٿا اُپامن آڳ گهاوَ
ڌڙ ڌريائون قاب ڪاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

سيد فاضل شاهہ هڪ غزل ۾ عجيب صنعت ڪم آندي آهي، جنهن کي "مهمل" چوندا آهن، يعني جيڪي لفظ ۽ اکر غزل ۾ ڪم آندا اٿس سي سڀ، سواءِ پنهنجي نالي جي، نقطن کان سواءِ آهن. عام واقفيت لاءِ اهو غزل يا مهمل هيٺ ڏجي ٿو:-

دلاور دلارام دلـدار لاءِ،
سدا سيڪَ ۾ رُس، راس رهُہ، رَس رساءِ.
مَڪر حرص هورا، مُهَوَس مَ هو،
طمع رکـ مَ طامع ڪدا ڪُهَو ڪساءِ.
سڪـر مال سالڪ همـہ حال رهہ،
اکـر علم وارو عمل ڪر، الاءِ.
ڪدا مر سدا ڪر ڪرم ڪار،
سگهو واهہ ڪو وصل وارو وراءِ.

مڪمل اهو مهملو ڪٿهه ڪلام،
اڪر مهملا هر طرح لڪ هلاءِ.
اِها رسم "فاضل" محال آهه مام،
حسد ڪار حاسد هوس هاءِ هاءِ.

پوءِ تہ گهڻائي شاعر پيدا ٿيا، جن موزون شعرن جون پَلٽون پلٽيون، جيئن تہ مير عبدالحسين "سانگي"، جنهن جو "ديوان سانگي" موجود آهي (۱). ديوان ليلارام وطن مل جو "ديوان خاڪي"، ۽ حافظ حامد جو "ارمغان حامد" وغيره.

سنڌي شعر جي تاريخ ۽ سنڌي شعر جي ٻولي امان ڏسي ورتي. معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن جيئن وقت ويو آهي گذرندو، تيئن تيئن سنڌي شعر ۽ سنڌس ٻوليءَ ۾ ويو آهي ڦيرو پوندو. ڏوهيڙن واري زماني ۾ جا ٻولي اسحاق آهنگر، قاضي قاضن ۽ شاهہ عبدالڪريم ڪم آندي آهي، تنهن کان ٿورو ڦيرايل وري مخدوم ضياءالدين، مخدوم عبدالله ۽ مخدوم محمد هاشم ڪم آندي آهي.

شاهہ عنايت قادري، شاهہ عبداللطيف ۽ شاهہ عنايت الله رضوي ۽ مخدوم محمد زمان لواري واري، وري ڪي قدر چنڊيل چاڙيل ٻولي ڪم آندي آهي. باقي ڏسي منزل

(۱) ان ئي دؤر ۾ سانگيءَ جو استاد غلام محمد شاهہ 'گدا' ۽ مرتضائي ٽٽوي استاد شاعر موجود هئا، جن کان پوءِ قليچ جو دؤر شروع ٿئي ٿو. (گرامي)

تي منزل تي جن شاعرن عام عروض جي قانون اندر شعر چيا آهن، تن جي ٻولي اڃا به نرالي آهي. تنهن مان گمان ٿو آئجي ته سنڌي ٻولي به ڪهڙيون نه منزلون طي ڪري اچي هن منزل تي پهتي آهي. انهن منزلن اندر سندس ڪهڙيون نه صورتون بدليل ٿيون ڀانئجن. اهڙي مونجهاري کي پري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ لکي وڃي.(۱)

---

(۱) هن سلسلي ۾ قاضي قاضن ۽ شاهه ڪريم کان پوءِ شاهه لطف الله قادري مشهور شاعر آهي. جنهن کان پوءِ لطيف، شاهه عنايت رضوي نصرپوري ۽ مخدوم محمد زمان لواري وارا ۽ مخدوم عبدالرحيم گروهڙي بيت ۾ فني ۽ معنوي حسن ۽ دلڪشي پيدا ڪري چڪا آهن. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو ايڊٽ ڪيل ۱۹٦۸ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ ياللاجي جي پاران ڇپيو آهي. (گرامي)

# سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

سنڌي ٻوليءَ جي معنيٰ آهي اها ٻولي جا سنڌ ملڪ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌ لفظ سنسڪرتي آهي جنهن جون ٽي معنائون آهن: [۱] سمنڊ، [۲] سنڌو ندي [۳] سنڌ ملڪ، جتان اها ندي وهي ٿي. اسين پنهنجي مطلب لاءِ پوئين معنيٰ وڌيڪ موزون ۽ معتبر سمجهون ٿا.(۱)

بنياد:-

سنڌي ٻوليءَ جو اصل بنياد سنسڪرت ٻوليءَ مان آهي. جيتوڻيڪ هالوڪو لباس عربي ۽ پارسيءَ جو اٿس ۽ زيب زينت انگريزي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جو اٿس.

---

(۱) نئين تحقيق موجب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جو مسئلو اهو نه رهيو آهي، جو گريئرسن ۽ ٽرمپ جهڙن عالمن بيان ڪيو هو. سنسڪرت سان سنڌي ٻوليءَ جو ڪهڙو تعلق آهي، ان متعلق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جو مطالعو ڪرڻ تمام ضروري آهي- گراميءَ

سڄي دنيا جون ٻوليون ٽن مکيہ ٻولين ۾ ورهايل آهن: [١] تـوراني، [٢] شـامي، [٣] آريہ. انهن ٻولين مان وري هيٺيون ٻوليون ڇايون آهن:-

**توراني:-** تامل، تلنگي، ملايم، سيامي، برمي، چيني، جپاني، ترڪي، ٽيٽي، هنگاري ۽ ڏکڻ آفريڪا جون ٻوليون.

**شامي:-** عراقي، عبراني (جنهن ۾ توريت لکيل آهي)، عربي، ايراني ۽ ڏکڻ الهندي ايشيا جون ٻوليون

**آريہ:-** سنسڪرت، زند، يوناني، ساواني، ٽوٽاني، لئٽن، ڪيلٽڪ وغيره.

[١] سنسڪرت مان وري هيٺيون ٻوليون نڪتيون آهن:- پراڪرت، شئورسيني، ماگڌي ۽ پشاچي. انهن مان وري هيٺ ڄاڻايل ٻوليون نڪتيون؛

پالي، مهاراشٽري، گجراتي، هندي، سنڌي، پنجابي، مارواڙي، بينگالي ۽ ٻيون اتر هندستان واريون چالو ٻوليون.

[٢] زند ٻوليءَ مان پارسي، پهلوي، پشتو ۽ روسي ٻوليون نڪتيون آهن.

[٣] لئٽن ٻوليءَ مان فرينچ، پورچوگيز، اٽالين، اسپارش ۽ رومن ٻوليون نڪتيون آهن.

[٤] ٽوٽاني ٻوليءَ مان جرمن، ڊچ، ساڪسن ۽ انگريزي ٻوليون نڪتيون آهن.

مٿين بيان مان ظاهر ٿيو تہ هندو، پارسي، ايراني، افغاني، روسي، يوناني، جرمن، ڊچ ۽ انگريز سڀ هڪ

ٻوليءَ ۾ آهن. هي ٻولي ٻڌ ڌرم وارن جي مقدس ٻولي آهي. انهيءَ ۾ ٻڌ ڌرم وارن جا ڪيترا ڪتاب لکيل آهن.

پالي ۽ سنسڪرت ۾ گهڻو تفاوت ڪونهي. پاليءَ جا اڌ ڪان ٻه وڌيڪ اکر هوبهو سنسڪرت جهڙا آهن باقي اڌ ۾ ٿوري ڦير ڦار آهي. ٿوري ڦير ڦار ڪان سواءِ گرامر ٻه ٻنهين جو ساڳيو آهي. جيئن وقت ويو گذرندو تيئن پراڪرت ٻولي ويئي وڌيڪ بگڙندي ۽ آخر هيٺين پنجن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويئي:-

مهاراشٽري، شورسيني، ماگڌي، پشاچي ۽ اپڀرنش.

مهاراشٽري مرهٽن جي ملڪ ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان ڪوڪني ٻولي به نڪتي آهي.

شورسيني مٿرا جي آسپاس ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان پڇمي هندي، برج ڀاشا (جنهن ۾ سورداس جي واڻي لکيل آهي)، ڪشميري ۽ پنجابي ٻوليون نڪتيون.

ماگڌي مگڌ يا بهار ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي، جنهن مان بنگ ڀاشا يا بنگالي، آسامي، آڙيا (اوڙيسا)، مئٿلي، ڀوجپوري ۽ ناگپوري ٻوليون نڪتيون.

پشاچي ٻولي پشپا لوڪن جي ٻولي هئي. انهن جي ذات ڀٽيان اهو نالو پيس، جا اپرندي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي. باقي اپڀرنش الهندي وارن علائقن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي.

انهن پنجن پراڪرت ٻولين مان مهاراشٽريءَ کي سڀني کان مٿي پاڪ ڪري لکيو اٿن جن ڌرم وارن جا ڌرمي ڪتاب انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن.

اپڀرنش کي سڀني کان هيٺ ليکيو اٿن. اپڀرنش جي لفظي معنيٰ آهي ڪريل، ڇو ته منجهس تمام گهڻو بگاڙو ٿي ويو آهي. اپڀرنش جا وري ٻه قسم آهن: هڪڙو ٻئي کان جان تان ڪي وڌيڪ معتبر آهي. ان کي ناگر اپڀرنش ڪري ٿا چون. انهي ٻوليءَ مان هاڻوڪي گجراتي ٻولي نڪتي آهي. ٻيو قسم جو انهيءَ کان به وڌيڪ بگڙيل آهي، تنهن کي وراچڊ اپڀرنش يعني رد ي اپڀرنش ڪري ٿا چون، جنهن بدلجي سنڌي ٻولي ٺهي پيئي آهي. (١)

جنهن وقت سنسڪرت ٻولي ڦيرا گهيرا کائي سنڌي ٻولي ٿي، تنهن وقت جي پوري خبر ڪانه ٿي پوي، ۽ نه اها ٿي پروڙ پئجي سگهي آهي ته اها ٻولي ڪهڙي هئي، ۽ ڪهڙي نموني ڳالهائي ويندي هئي. ايتري مڌ پئجي سگهي آهي ته عربن کان اڳ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دؤر حڪومت ۾ پراڪرت يا پالي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. عربن جي دور حڪومت ۾ وراچڊ اپڀرنش چالو هئي. قياس اٽيئن چوي ٿو ته

---

(١) لسانيات جي عالمن جو ان مسئلي ۾ اختلاف آهي. چئٽرجي سنڌي ٻوليءَ کي اوائلي مڌ ريل ۽ سريلي ٿو ڪوٺي- گرامي.

چنڊ جي ڇاڙجي سنڌي ٻولي سومرن جي وقت ۾ اچي ظاهر ٿي آهي. عربن جي ڇاڙيءَ وقت ۾ به دادرڪ، سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو ميلاپ ڳالهايو ويندو هو.

عربن جي وارد ٿيڻ بعد سرڪاري ٻولي عربي ٿي، تنهنڪري سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن به ڀاڻ کي حڪومت وٽ سرخرو ۽ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ عربيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو، ۽ انهيءَ ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح عربن ۽ سنڌين جي علم دوستيءَ ڪري سنڌي زبان تي به عربيءَ جو اثر پئجي ويو. ڪيترا عربي ٻوليءَ جا لفظ هُوبهُو يا ڪجهه صورت بدلائي، سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي ويا. جيڪي لفظ ڪجهه مٽا سٽا سان داخل ٿيا آهن، تن مان ڪي نموني لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

| عربي | سنڌي |
|---|---|
| تعويذ | تائٽ |
| ثُوم | ٿُوم |
| بصل | بصر |
| حاذق | هاتڪ |
| ثغر | سگر |

اهڙيءَ طرح ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ دخل ڏيئي ويا، جي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ قائم رهيا (١)، مثلاً

(١) سنڌيءَ تان عربيءَ ۾ آيل لفظن ۾ ٿوم، بصر، ڪافور، زنجبيل (سفيد) مشڪ (مسڪ) شمار ڪيا وڃن ٿا ــ ڪرامي.

وقت، دعا، عجب، صبح، شراب، قلم، موت، حيات، مشق، ڪتاب وغيره.

عربن جي زور ٽٽڻ بعد ۽ غزنوين جي سنڌ ۾ دخل ڏيڻ بعد پارسي زبان زور ورتو. سمن جي دور حڪومت ۾ ته پارسي چوٽ وڃي چڙهي.

اهو سمورو وقت، ويندي ڪلهوڙن جي حڪومت تائين به ماڻهو پارسي سکڻ جا شائقين ٿي رهيا. ٽالپرن جي وقت ۾ پارسي زور هئي. ٽالپر خود لکپڙهه پارسيءَ ۾ ڪندا هئا. سندن حڪومت ۾ پارسيءَ جا مڪتب زياده هئا، انهيءَ ڪري پارسي ٻوليءَ به سنڌي ٻوليءَ تي گهڻو اثر وڌو ۽ ڪيترائي لفظ پارسي زبان جا سنڌي زبان ۾ جاءِ وٺي ويا. مثلاً زمين، آسمان، زبردست، بالادست، دستاويز، عملدار، دريافت، خواهه مخواهه، مختياڪار وغيره. اهڙيءَ طرح پورچوگيزن جڏهن هندستان ۾ بيٺڪون وڌيون، تڏهن واپاري ميل جول ڪري سندن ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ، جي اول هندستان جي ٻين ٻولين ۾ داخل ٿيا، سي پوءِ آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ ۾ به داخل ٿيندا ويا، مثلاً:

| سنڌي | پورچوگيز |
|---|---|
| فالتو | فالتو |
| قيمت | ڦڱا |
| پگهار | پگا |
| تڙنگ | ٽرنڪو |
| ليلام | لئيلام |

سنڌ جي بندرن تان ٻيڙين رستي ملبار سان واپار هلندڙ هو انهيءَ ڪري ڪيترا لفظ ملباري ٻوليءَ جا به سنڌي ٻوليءَ ۾ پئجي ويا، مثلاً: ايلاچي، ڪوتمير، لائي ڏَڪر. اهڙيءَ طرح افغانستان سان قافلي رستي واپار ڪرڻ ڪري ڪيترائي پشتو جا لفظ آيا، جيئن ته ڍوڍو، ڏاڙو، گيدي، گَهل، ڍال وغيره. اهڙيءَ طرح بلوچستان سان وَڳَڻَ، الو، ڇانگهو، ڳهنو، ليڙو، ڏُوم وغيره لفظ آيا. بلوچي ۽ پشتو جي اثر ڪري، ڪيترا ترڪي ٻوليءَ جا لفظ به رڙهي اچي پهتا، جيئن ته: اوطاق، چڙمق، چاق، قينچي (ڪئنچي)، تڪمون، چلمچي، بورچي، ايلچي وغيره.

سرائڪي ٻولي اچا به سنڌ کي ويجهو ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن مان به ڪيترائي لفظ اچي داخل ٿيا، جيئن ته ڍيڙو، ڏون، ٻرائي، ڪنا وغيره جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سندن ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ بگڙيل صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳا. هاڻي ته پاڻ وڏ ڍڪ استعمال ٿيندا وڃن ٿا، جيئن ته:

| انگريزي | سنڌي |
|---|---|
| سٽيشن | ٽيشن |
| سيگنل | سگنل |
| ٽڪيٽ | ٽڪس |
| شاپ | ڇاپ |
| سڪور | ڪوڙي |
| ٽائيم | ٽيم |

ڪيترا لفظ ته عربي ۽ پارسي لفظن وانگر پنهنجي صحيح صورتخطيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ پڄي ويا آهن، جي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا، جيئن ته روڊ، بوٽ، ڪلاس، بئگ، ڊريس، ليٽ ۽ ڪي ٻيا.

مٿين بيان مان ظاهر ٿيو ته موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تاڃي سنسڪرت مان ٺهيل آهي ۽ سنڌس پيٽو عربي، پارسي، ترڪي پورچوگيزي، انگريزي، سرائڪي، ٻلوچي ۽ پشتو جي رنگين پٽن مان ٺهيل آهي.

جيئن سنڌي شعر اهڙو آڳاٽو نه آهي، تيئن سنڌي نثر به اهڙو جهونو ڪونهي. سنڌي نثر، سنڌي شعر کان عمر ۾ ننڍو آهي. ١٢٩٩هه [١٨٥٢ع] ڌاري جڏهن سنڌي شعر جي نموني ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو، تڏهن سنڌي نثر جي صورت ۾ انقلاب آيو. سر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪمشنر پارسيءَ بدران سنڌي ٻولي کي سرڪاري دفتر ۾ قبوليو، تنهنڪري اِن کي اڄ جي نموني موجب سڌاريو. عربي، پارسي ۽ سنسڪرت مان حرف مان وٺي ٥١ اکرن جي الف-ب ٺاهي ويئي. انهن جي ورهاست هن ريت آهي: عربيءَ جا ٢٨ حرف، پارسيءَ جا ٤ حرف [پ، چ، ژ ۽ گ] ۽ ١٩ حرف سنسڪرت جا، ڪل ٿيا ٥١ اکر. اهڙيءَ ريت الف ب مڪمل ڪري حرفن ۽ نقطن جي پختائي رکي، صورتخطي سڌاري، اڄ جي نموني تي اڀاري ويئي.

ٻين مان سنڌن رهائش، گذران ۽ رسمن جو پورو پتو پئجي ويندو. اها به خبر پوندي ته هو پنهنجي گهرن ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائين ٿا.(١)

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، تاريخ، ارتقا، سماءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، علي نواز جتوئي ۽ ڀيرومل مهرچند جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي پڙهڻ گهرجن. ان طرح صورتخطيءَ ۽ رسم الخط متعلق مسٽر غلام علي الانا جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن. ان سلسلي ۾ رسالہ مهراڻ ۾ آيل لسانيات تي مقالا پڻ پڙهڻ جهڙا آهن. جي مختلف سنڌي عالمن جا لکيل آهن — ڪرامي

# لاڙ جي هڪ رات

ڪنهن به ملڪ جو سير تيسين سجايو ڪين ٿيندو، جيسين اُتان جي ماڻهن سان پورو لهه وچڙ ۾ نه اچبو. مون کي ته انهيءَ ڳالهه تي پورو ويساهه آهي ته هر هڪ ملڪ جو علم ۽ ادب، تهذيب ۽ تمدن، حسن ۽ اخلاق جيترو ٻهراڙيءَ ۾ سٺيل آهي، اوترو شهرن ۾ ڪونهي. وڏو شهر، وڏي ويراني. تنهنڪري جي ڪو آدمي ڪوجنا لاءِ ڪٿي وڃي ته اهو وڃي ٻڪيرن جي ڀناري پوي. اُتان جيڪي هڪ رات ۾ هٿ ڪري سگهندو سو شهرن مان سال ڀر رهڻ سان به ڪين ونيندو.

آءٌ پنهنجي عقيدي موجب لاڙ جون لَيڙون لتاڙيندي، جهنگ جهر جاڳيندي، ڪهي وڃي ڪينجهر ڪنڌيءَ پهتس. پريان سونهن جو شهر به مٿ پنڌ هو، هيڏانهن هيلايا به هڪيا منهن ۾ هئا، پر چيم ته جنهن سانگي سان سفر سنئون آهيان، اهو سانگ شهرن مان سترجي ڪين سگهندو. تنهنڪري پَري وڃان ٻڪيرن جي پار. ڪڇهريءَ جا ڪوڏيا ۽ رس ڀري رهاڻ ڪرڻ وارا راٺا ضرور لين ۽

ڇوڪرو وهڻن پنڍيان نڪري ويو. پوئتان مائي پاڻ مهاڙو اچي ڇڏڪي.

چي: "ڦٽو چاڻ نہ سڃاڻ، ڪو ڇاڏان ڪير آيو. تنهن کي ماريئي ٿي متيئي پنهنجو ڪفن ڪيڏي ڏنو. اسان هٿ پيچي، سيءَ واءَ جهپي، چار ڪوڏيون ڏڪئي ڏينهن لاءِ ٺاري رکيو، سي هڪڙيءَ رات ۾ ڪنهن الله واڻي کي ڏيئي ڇڏيئين، ڇڻ مٿس ڪو بوجو هوءِ هاڻي پڇوس، تو کي اهي ڪڏهن ملندا. تون ان کي ڄاڻيي، ڪو سڃاڻين. سهني لاءِ ٺو ٿڏين ۾ ڪير پوئيس. اسان جي ماڻس ڪا پيٽ، ڪا پٺي. ڇڱائيءَ جو ٺو ڇجيس تہ ڇيرو ٿيو پوئيس، جهل ٿي ڪين ڏي. مون کي ڪچڙو آ. پچا ٻہ سندس ڏکيا ٻکيا ٿيندا. ڏوڪڙ ڪٺڻ آيو تہ مون سان آلهي ويو. اهڙي جي پوڇها پئيم تہ ڪنهن ڦارئين جو گهر ٿو پري تہ هڙ ٿي هٿ لائڻ ٿي ڪين ڏيانس. سڀڪو غريب آهي. اسان وٽ ڪهڙا سونا سونگا ڍڪيل آهن، جو پٽون پتين تان پت اچلائيندا. اسين پاڻ ٻچن جي چوٽيءَ ۾ پورا آهيون ڪٿم حي اهڙي ڪٽڪ پتوئي تہ مهمان اهڙو سوري آهي تہ هوند اهڙو پهہ ڪريانس جو وٽ بہ ڪين سونهي. انهيءَ سوران تہ پرهہ کي هڙ ٿي هٿ رکڻ بہ ڪين ڏيان. آءَ زال ماڻهو ڪهاڙو ڪريان؟ جي ٿي ڪچان تہ وات ۾ ڪڙا، ۽ جي ماٺي آهيان تہ اجهو اهو حال آهي".

پيو تہ وڃي ڪڏ پوئي پر من پاڻيءَ وڏو حب سان پي اچون،
اِهو بہ ڪنج ٿيو. الله ڏي تہ ڪمي ڪانئجي، جڪيءَ وارا
جڪ ماري، هٿ سٽي تي ڏئي هليا ويا ساوڻ ساون
سچا بہ پاڳي پائيوار آهن. جي الله ڏي تہ الله جي
بندن جي بہ سار لهجي. پنهنجي هڙ ڪوسي ڪرڻ سان
ڪهڙو نفعو؟ ڪنجوس ڏن واري ڪان ڏيرو ڪڏهن چڱو
جو ڪنهن جي ٻوجي ڪٽڻ لاءِ ٻنا ڪاڻ ڪرڻ ڪرڻ
جي ڪم اچي ٿو. اهو ڪميوڻي ڪوٽ جهڙو، اهو
ڏن ئي ڪلر ڪاڏو، جنهن سان ڪنهن ڏکئي بکئي
واڌو نہ ورتو. جنهن سان ڪنهن مهمان نہ ڪاڏو،
جنهن مان ڪنهن ٻاءَ پرائيءَ مهل نہ ڪئي. هاڻي
ڏوهي ٿئي خدا جي مت پيهار ڪُر ڪرين. اڄ
تون شڪر نٿي ڪرين. جو ڪير پن پٽين واري ٿيو
ويٺي آهين پيا تا اچي ونئہ هٿ سگهين. ڪنهن سوال
سڙي جي اوڀالين ڪان تہ آجي ٿيو ويٺي آهين. هرڪو
پنهن جي قسمت ويٺو ڪئي. اسان ڪي بہ جيڪي ملٺو
هوندو سو پاڻيٺي ڪٿو ملندو. واڌاري لاءِ مٿو ڪٽي
جبل سان هڻ، تڏهن بہ اوتري جو اوترو. خير مائيءَ
بہ ڪٽي مات ڪئي، آءَ بہ ٽڪر پور ڪائي موڪلائي
روانو ٿيس.

# لاڙ جي ٻي رات

اسان جي سنڌ جي ڀاڳ نه پڙايو. ڪيئن قومون آئس حڪومتون ڪري ويون. هزارين عالم ۽ اديب منجهس درس تدريس ڏيئي ويا. ڪيترا عالم ۽ فاضل سنڌين کي سمجهائيندي سمجهائيندي حياتيون پوريون ڪري ويا. پر سڀ ورٿ ويو، ڪنهن تي به ڪنهن جو اثر ڪونه پيو. آهو رنبو، آهو ڪٺو، آها ڪوڏر، آهو ڳن. جتي وڃ اتي سڀڪو پنهنجي سورن ۾ پوتو پيو آهي. هر ڪو پنهنجا سور پيو ساري، باقي ٻئي ڏي تورو ئي ڪو نهاري. سڄي کي سچي ڪونه، سائي کي سنهي ڪوار. ڏند-پيهه لڳي پيئي آهي. نااتفاقيءَ جو مرض جت ڪٿ جام. وڏن جا ڪڏا ڪرتوت ڏسي سندن اولاد به آهيئي پار هلي، تنهنڪري اهو موروثي مرض نه وڃڻ جو ۽ نه ورڻ جو. ڪن وٽ ته وري ڳائي جيپ. ملڪ ته هيڪاري آنهن مٿو. ابوجهن جي اياڻپ مان الٽو فائدو وٺي پوءِ ڪين ڦڙهو هٽي هڪاليو چڙهين. بس پوءِ "هيٺن جي حاڪمن تي ناهي مرد ميار" هرڪو هٿ مهٽيو هليو وڃي. نه ڪنهن

واري هير نه ويئي آهي. جهڙيءَ اسان مان حسد ۽ بغض نه ويو آهي، جيسين اسان ۾ پاڻ لاءِ قرب ۽ ڪاڙهو پيدا نه ٿيو آهي، تيسين اسان جو ڇانئو اجايو ۽ موٽ بي معنيٰ آهي.

هڪ ڀيري مغل ٻين طرف منهنجو وڃڻ ٿيو. پنهنجي هير موجب لڙي ويس هڪ ڳوٺڙي ۾. ڳوٺ اڳيان ڪيڙن جي اوٽ ۾ هڪ اوطاق اڏيل هئي. انهي ۾ پاڻ مرادو لنگهي ويس. هڪيو تڪيو ته ماڻهو وٽ ڪونه آيو. پر پوءِ هڪڙو ڇڙو اچي ظاهر ٿيو. خبرچار ڏيئي ولي هليو ويو. چيائين ته ڀائو اسين هينئر اڙيات آهيون، سانجهيءَ ويهر ويرا ٿي ور وانڊو ڪيندا سون تون اتي ويٺو رهه. آءٌ به هوس ٿڪل، سو اجرڪ تاڻي سمهي پيس. سج لٿو، ماڻهو به اچي مڙيا. ڳوٺ وڏيري ڳهران ماني آنهي. مانيءَ بعد حقو آندائون. حقي سان ڳڌ سوپاريون ۽ سوئڙي مڪائون. آءٌ به ڪانڀ ڪڍي وهاڻي تي ويهي خوب سوٽا هڻڻ لڳس. مون لاءِ ته هيءَ نئين ڳالهه ڪانه هئي، ڇو ته اهو ماڪ منهنجو ڳهٺوئي ڳهيل هو، ماڻهن جي رسمن رواجن کان واقف به هوس، حقو به وانڊڪائيءَ جي وندر آهي. حقي جي ٻڙ ٻڙ ٻڌي مون کي شمس‌الدين ”بلبل“ جو هيءَ شعر ٿي ياد پيو:

مجلس جي سونهن سوپيا سينگار آه حقو،
وحشت ۾ غم زدن جو غم خوار آه حقو.

ھڙ ٻڙ ڪيو پيو دل کي ٻهلائي ساڻ ٻاتين،
داناءَ دل جو دلبر دلدار آهه حقو.

چڱي وير ويٺي، پر مون تان ڪنهن ور واندو ڪونه ڪيو. مائيءَ وارا ٿانءَ به اُئين ئي رکيا رهيا. ڪنهن مهل ڏسان ته اوطاق جي ھويان ماڻهن جو ميڙ ٻيٺو آهي، ۽ ڪنهن ڳجهيءَ ڳانهه تي پاڻ ۾ سڀئي ھٿس پيا ڪن. ايتري ۾ هڪڙي منجهانئن هڪل ڪڙي چيو آئو ته هلي اجهاپ اوڏا ٿيون. هت ناحق ڪٿون سيءَ پيو سٺي. نيٺ هڪ هڪ ٿي اوطاق پار ايندا ويا. سڀني مون سان ڪيڪار ڀليڪار ڪئي. ٿورو وقت ته سڀ سانت ۾ رهيا. پوءِ منجهانئن هڪڙي چيو ته ادا خبرون مڙيوئي خير. ڪلهه وڇهاڙو آئي وڏيري جي اوطاق تي ويس. مڙس منجهي تي ويٺو هو. چوڌير هاري ناري ڪونڊو ڪيو ويٺا هوس. ڪيڙيءَ پاريءَ جي ڪنڊراڳ ۾ لڳا پيا هئا. مون به سري وڃي پاسو ورتس. وڃهه وٺي عمر ۽ صفر بابت ساڻس ذڪر ڇيڙيم. چوم ته سائين هو يتيم آهن. سندن ڏاڏي، ڏوٽيءَ ڏؤٺا، جو رائي ويچارن جا ويڙها ٻونها ڪري ڇڏيا. وڳر ڪان ٻولهيا، چورا چٺا ٿيا. سندن قسمت ڪٺي جو ڪيڙين ۾ ڪامي ويا ويچارا ٻاڳين ٻيڪل اوالڙن تي ويا آهن. نه آهن مٿن سان، ۽ نه آهن جيئرن سان. اڄا اڪيون ئي مس اپٽيون ته نڌڻڪا ٿيا. تن کي هاڻي نه پڳ، نه سڏ.

چوڻ چواڻي ۾ انجو سڄايو ٿئي. پانهون ساماٽل آهن، حياتيءَ کي بقا ڪونهي. آدم ويچارو دم جو محتاج. ڪهڙي خبر ته جو دم اندر ويو سو وري ٻهر ايندو، يا جو دم ٻاهر نڪتو سو وري اندر ۾ ايندو؟ اڄڪلهه جي جوان مڙسن تي چڱي جو ڇيو اثر ٿي ڪونه ڪري. تون ڏيئي جو پريو مڙس آهين آئي هن ڪم جو نبيرو ڪر. جيسين هيءَ ڪم نه اڪليو آهي تيسين اسان کي ۾ چورا ڪورا لڳي رهندي.

ڪڇهريءَ ۾ هڪ پريو مڙس، پر بت ۾ ڏٻل ۽ هڏ جو ڏوڪر ويٺل هو، تنهن ڇيو ته ادا، پوءِ رئيس توکي ڪهڙو جواب ڏنو؟ چيائين ته رئيس پيو ته کي ڪين چو، رکيو ايترو چيائين ته واندڪائي ٿي ته ويچار ڪيندس. اهو ٻڌي هن پيرسن کي ڪاوڙ جا جڪ چڙهي ويا. تهي ڪاڙهو ٿي ويو. خابروءَ کي ڏاڍي چانچول ڪڍيائين. پوءِ ماڻهن ڏي مهاڙ ڪري چيائين ته ”نانگ جهليو وڃون، چيائين ته جي تو چڏياس ته ڪوڙهيو ٿو ٿيان، ۽ جي تو ڪهانس ته پيٽ ٿو ڇوڙجي.“ سو هن ٻار جي اندر ۾ به هڻي هڪ ڳالهه، سا جي تي روڪيائين ته اهڪ ٿي نيوس، ۽ جي ٻاڦي وڏئين ته اجهو اهو سان ملپس. وڙيس بس کي ڪين. اجايو پنهنجو منجهه پراون جي ڪن وجهي آيو ”ديواني جي دوستي، ڪلهي تي ڪتو.“ ادا تو ته اهي اڃا آس تي آندا آهن.

لک لک ڪريون. پر جڏهن پيڙي سير تي ايندي تڏهن ڪري ۽ ڪوٺي جي پاڻهي ڪل پونـدي. هي ڇورا ڇنا، اڌورا ۽ سڌورا، تڏهن به هنين جي ميراث جا مالڪ آهن. پائـو! جي جنين، سي تنين. مينهون مينهن جـو پيٽون. لٺ هٿئي پـاڻي جـدا ڪونه ٿئي. مائٽي آهي رت، جنهنجي لـڄ جنهن ۾ هوندي، تنهن ۾ ڏوران ڏيکاڻي پيئي ڏينـدي. اڄ بـه مٿن آگر تـه سچي ڏسو. اول اهي ڪاڪا جي ڪـُٽن ڪڙو ڪدو تا سمجهن سي اچي ڳل پوندو.

خير- کهٽين ڳالهين اُٺ لڏجن. مون ڪي ڪالهه سنڌن ڪاڪا پٽي ڪڏيا هئا. رحيم بخش ته ماڻيو رهيو ۽ اميد عليءَ البت سنڌن سور رنا. تنهن چيو ته ”اسان جواب ڪو ٿـوروئي ڏنـو آهين. ۽ چيو آهيون تـه آتڪا نـه ٿيو. منڌ سڻين ٿئي تـه پـوءِ اچي نڪـاح ڪري وڃو. پر هـو آهين پرائين ڪنين. وڃن وَٽ وَٽَ سان وايندا ۽ ڳلائون ڪيندا.

ڦيءَ رات بـه مرشد سائينءَ ڪي ميڙ ڪري وٺـي آيا. اسين اڳهين هڪ مهلو ڪيون. پوءِ اهڙا نانـگ آڻي وچ تي وهـارڻ سان ڪـُٽن ڪيهو لا ي؟ جـي نـاراض ٿيا تـه پيڙهيون پٽي ويـنـدا. اسين پچڙوال ماڻهو پير فقير ڪان وڻئن وڃـون. اسـان جـا هـڌ پيا ڪـنبن، اڳـيـئي ڪـُٽـئون کهٽا هـٽَ لـڳـا آهـن. هـاڻـي جـي هـي ڇـورا اهـڙيـون اراڏيـون

ٽڪا ڏياري ڇڏيندا سون. نيٺ اهو پهه پچائي، ڪچهري پوري ڪياسون. رات ڪا وچي ٻه هئي اڌ، رات جو جهنگ مان آرن جو آواز ائين پئي پڌم ڄڻ ميونسپل جا گگهو ٿا وڄن. ڏاڍهائن جي ٽمڪاٽ وري اهڙي ته جهرمر لائي ڏني، جو ڄڻ ته ٻندر روڊ واريون بتيون ٻيون ٻرن. ائين پاسا ورائيندي، سها ٿي ويو. صبح جو ماني کائي، هڪڙو پاڻ جهڙو واندو هٿ ڪري جهنگ جي سيل تي نڪتس.

# جهنگ جو سير

لاڙ جو جهنگ سنڌ جي ٻين ڀاڱن کان نرالو آهي. لاڙ ۾ مکيه وڻڪار آهي چاريون ۽ ٻيرون. چارين جا جهڳٽا ڪٿي ڪٿي اهڙا ڳوڙها ۽ گهاٽا، جهڙا قدرتي ڪوٽ. منجهن چورن جا ٽُر ۽ ميرُن جا ٽاڪ. ليون ۽ لاٽا ٻه جام ٿين، ليون ريڍن ۽ ڇيڙن ۾ ۽ لاٽا ڪلراٺن پوٺن تي پسجن. ڪڙين ۽ ڪسين جي ڪنارن تي ڪانهن جون قطارون ڏسبيون، منجهن پوک جا وېري جانور سيڙها، سوئر ۽ سها جام سهڙن. ٻيرن جي لامن تي تتر ٻيا تنوارين. آن پوک تي ڳيرا پيا ڳٽڪارين. ڪيڙن ۾ سَهن جون کوٻون ۽ ڪدڙن جون ڏرون ڏسجن. ملڪ ۾ پاڻيءَ جا ڍُٻا ۽ ڍنڍيون کهٽين ٿي خوبين سان ڀريل آهن. ڪٿان ڏسو ته نار چاڙهيو زمين ريجائي رهيا آهن، ڪٿي ڏسبو ته ٻيلن ۾ سير ۽ شڪار ٿي رهيو آهي. ڪٿان وري جوان ڏُڪن جي ڏڪَن سان آڙيون پيا آهرائين. ڪٿان ٻهه، ٻوڻ ۽ لوڙهه پيا ڪپن. ڪنهن ڪُنڊ تان وري رَڃ وجهيو مڇ پيا

ي سکھون، تنهنڪري کهڻا نہ ڪرہ ڪٿي ٿورو
ھٿو سٺاء. مون چيو تہ ادا اسان کي علمڪٿي آهي.
ڪ ڏارڻ لاءِ ڀہ۔ڏني اکر سکيا آهيون، سرڪار مان
ڪهارڙي مليئون پيئي، تنهن تي پيٽ ڀرنـدي پيا
ڪريون. اسان جو علم جهڙو آهي، تهڙو نہ آهي.
اوهين کهومون ماڻهو گهٽا ئي ملڪ گهميا هوندَوَ.
ضرور ڪن چڱن جي صحبت مان ڪي رس ڀريا لٽڪا
سکيا هوندوَ. انهن مان ڪي تہ ٻڌاءِ تہ مان وندر
ڻئي، ۽ ڏينهن بہ ڪوڏو ٿئي. ويچاري گهٽو ئي کسايو،
پر نہ ڇڏيومانس. نيٺ چيائين تہ ڀہ۔ڏني ڏور ڄاڻان،
پر هوندا ڪَچا ۽ ڦِڪا، ڇو تہ اسين اڻ پڙهيل
ماڻهو، تن کي ڀورو پتو ڪونہ پوئي. مت منجهن
ڪا ڪچائي هجي، تنهنڪري ساڻ مِٺِي آهي.
منهنجي وري بہ زور ڀرڻ تي، لاچار تي ڪَرَ سالهي
اٿيو ۽ چيائين تہ سالڪ ڏور ڏنو آهي تہ:

عمر ڏلي هٿي اوچتي ٻڌي سير مني،
سچي رات سڪ ۾ هوءَ سارن لاءِ رُٺني،
جنهن کي عمر موڪل ڏلي، سا مارئي رمي ماڙ کي.

(ڏور جو شاهد)

سمن ٻڌي سومري سان مارئي هلي ملير،
هت ماڙيچون ڏنس مهٽا تو ڇڏيو ڪيئن حمير،
ثابت رکي سير، مارئي رمي مير کي.

پڌرو ڪرڻ نه فقط ياڻ عيب ٿا سمجهن پر پاڻ لاءِ نقصانڪار به ڄاڻن ٿا. انهيءَ ڪري هر هڪ منزل رسيدو بزرگ سمجهي ٿو ته:-

ميٺ پيڙيائي، پلي، جي آهٺي ته واڪ،
پڌر پسيٺي ڳالهڙي ته چڙي وينديَ ساڪ.

تنهنڪري سندن سموريون محفلون سام ۾ ٿين. هنن جو عام سان وهنوار گهٽ رهي ٿو. تنهنڪري سدائين سپرين جي سڪ سيني ۾ سانڍيو گهمن. اها سندن بندگي آهي. سنڌ جو سرتاج شاه عبداللطيف صاحب ڏسو. ڪيس ڪهڙي ڪٺي پيٺي هٺي جو پاڻ مسئي بنجي ويهي پهنل لاءِ پار ڪيڏي، ڏيرن کي ڏوراپا ڏي، ۽ جتن کي دڻيون ڪري. يا سهڻي بنجي ساهڙ لاءِ سيرون تري، ڪنن تان ڪاهي، چولين ۾ چلي ۽ واڪهائن سان وڙهي مطلب ته قدرت جو پار دنيا وارن تي ظاهر ڪرڻ لاءِ دنيا منجهه ئي لڪٺو هوين ٿو. تنهنڪري جيڪي پولين ٿا تنهن آڏو پردو رکن ٿا. پردي رکڻ مان مراد ائن پاڻ لڪائڻ. هو لڪن ٿا فقط دنيا جي ڪَنّ، اک ۽ زبان کان، جيئي سندن منزل آڏو رڪاوٽ وجهڻ لاءِ ڪافي ڪنڌا آهن.

اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪئين شاعر پيا سٽون ڏين. سندن عشقي، مذاقيه، رزمي، اصلاحي ۽ اخلاقي شعر موجود آهن. انهن شعرن ۾ زماني جي حال مطابق جوش ۽ جذبو به سمايل آهي، پر وقتي ۽ نه دائمي

انهن جي مقابلي ۾ سچن سالڪن جا سلوڪ ٿورو ويچاريو. ڪيترو نه منجهن ميٺاس آهي، ڪيڏي نه منجهن ڪشش آهي. ڪيترا ماڻهو روزانو اهي شعر مذهبي ڪتاب وانگر وڏي پاڪائيءَ سان ويهي پڙهندا آهن ۽ انهن مان لطف وٺندا آهن. اهو آهي سندن شاعريءَ جو معجزو.

هن شعر ۾ به شاعر صاحب هڪ سچو واقعو حقيقت جي پردي پٺيان ويهي بيان ڪيو آهي، جنهن کي عام طرح هرڻيءَ وارو معجزو چون ٿا، باقي هت نڪو عمر نڪا مارئي. هت قصو ئي ٻيو آهي، جنهن جو مختصر احوال هت ڏجي ٿو:

هڪ دفعي حضرت محمد صلي الله عليه و سلم جن ڪنهن ڪم سانگي ڪٿان لنگهي رهيا هئا ته اوچتو هڪ هرڻيءَ تي نگاهه پين، جا ڪنهن ماريءَ ڦاسائي هڪ وڻ ۾ ٻڌي ڇڏي هئي. هرڻيءَ جڏهن سردار دوجهان کي ڏٺو، تڏهن قدرت الاهيءَ سان هرڻيءَ کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا ٿي ويئي. نماڻي ٿي حضور جن کي عرض ڪرڻ لڳي ته منهنجا ٻچا ڪالهونڪر ٻڪن ۾ پاهه پيا ٿين. آءٌ جهنگ ۾ چاري لاءِ نڪتي هيس، انهيءَ لاءِ ته پيٽ توت ڪري کيراڙي ٿي ٻچن کي آبو ڪرائينديس، پر هن ماريءَ جي وَر چڙهي ويس. هاڻي خدا جي واسطي منهنجي فقط ايترو وقت جند آزاد ڪرايو، جو مان ٻچڙن کي کير پياري ۽ ڪائنن

آخري طرح موڪلائي اچان. هرڻيءَ جي هيءَ زباني ٻڌي، حضور جن کي رحم آيو، ۽ ماريءَ کي ننڊ مان اُٿاري، کيس هرڻيءَ کي موڪل ڏيڻ لاءِ چيائون. پر ماري مڃي ئي ڪونه. چوي ته پنهنجي سڄي ڏينهن جو شڪار هن ريت هٿن مان ڇو وڃايان. نيٺ حضور جن هرڻيءَ جي واپس اچڻ تائين ماريءَ وٽ ضامن ٿي رهيا، ۽ هرڻيءَ کي ڇڏيو ويو. ٻچن کي جڏهن مٿين حقيقت جي خبر پيئي، تڏهن ماءُ کي چوڻ لڳا ته تنهنجو کير اسان کي حرام آهي. تون جلد وڃي سردار دوجهان کي آزاد ڪراءِ، متان تنهنجي غفلت يا ديريءَ ڪري ماري نه ستائين. پوءِ هرڻي پوئين پيرين واپس آئي. هرڻيءَ جي سچائي ۽ حضور جن جي رحم دلي ڏسي، ماريءَ کي رحم آيو ۽ هرڻيءَ کي ڇڏي ڏنائين، جا هميشه لاءِ وڃي پنهنجن ٻچن سان ملي. هيءُ معجزو ظاهري طرح سنڌ جي گهڻن شاعرن بيان ڪيو آهي، جيئن ته رمضان ڪنڀر، سانوڻ فقير ۽ ٻيا. هن ڏور ۾ صرف نالن جي ليڪَ آهي، معنيٰ جو تعلق به پنهن واقعن سان گهڻو ميل جول رکي ٿو، تنهنڪري ڏور سمجهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. نالا هن ريت ڏنل معنيٰ آهن:

| | | |
|---|---|---|
| عمر | مراد آهي | سردار دوجهان (حضرت محمد صلي الله عليه و سلم) |
| مني | " | وٽ يا وڻ جو ٿڙ. |

ھاڙئي ,, ھرڻي.
ماڙ ,, وطن، وڻاڻ.
سمن ,, انجام.
ملير ,, ھرڻيءَ جو وڻاڻ.
حمير ۽ عمر ,, حضور جن.

ھاڻي تہ معنيٰ صاف ٿي پيئي، جنھن جي شرح لکڻ جو ضرور ڪونھي. سانوڻ فقير جيڪي ظاھري طور بيت چيا آھن، سي بہ پڙھڻ لائق آھن، تن مان ڪي بيت ھيٺ ڏجن ٿا:

( ١ )

اللہ جلّ جلالہ اللہ الصمد،
دروازا دوزخ جا باريءَ ڪيا ھٿا بند،
نرمل پنھنجي نور مان ڳالھہ ڪئي پسند،
شاھہ چڙھيو ھو سيل تي ڪرين پيرين پنڌ،
ڦاٽل ڏنائين ڦاھيءَ ۾ ھرڻي انھيءَ ھنڌ،
ست پيرا سڌ ڪيائين موٽي آھہ محمد،
ڪامل ڦوري ڪنڌ، ڏٺو حال ھرڻيءَ جو.

( ٢ )

ڏسي حال ھرڻيءَ جو موڪل ڏنيس مير،
مکھو مونج پونئي، ڏيئي ٻچن کي کير،
ضامن آھيان تنھنجو متان ٿئين دلگير،

ڪڏهن ڪبي ڪانڪا توتي تدا سير،
ٻاري ٻچائيندو ٻر ۾، تنهنجو ساهه سڌير،
اڳيان سجهي تني 'سانوڻ' چئي ڪاري قيام ڪبير،
سچ مڙيوئي سير، هرڻيءَ حڪم مڃيو.

( ٣ )

هرڻيءَ حڪم مڃي چيو: ڪالهه ٻه ڪالهونڪر،
ٻاري منهنجا ٻر ۾ ٿا فاقو ڪائين ڦر،
هادي انهيءَ هنڌ تي آءٌ چئي آيس چر،
پيا هوندا پٽ ۾ ٻچا منهنجي ٻر،
ماري ويندا معصومن کي ڪائي ويندا خر،
موين ايندا 'سانوڻ' چئي، آتي جيت ۽ جناور،
لچي ڏيئي لقر، متان ٻچي وڃين تون ٻڌو ڪان.

( ٤ )

جي نڪي ٻچان ٻڌو ڪان نڪي لر،
ڏيئي کير ٻچن کي، آءٌ وري ڪنديس ور،
قسم اٿم تو ذات جو، تون پاڪ پيغمبر،
ننگ سچائي نر، پو حضرت ڪولي هرڻي.

( ٥ )

حضرت هرڻي ڪولي، وٺي سنهن قسم،
ويجهي ٿي وٽڪار کي ڏڻائين ڏاڍو ۽ ٿم،
ڪري پيئي ڪلن تي دانهون ڪري دم،
ڏائي وڏو ڏڳڻا اوهين دير نه ڪيو دم،

ڀڃڻي ڙي پسونڙا ڪا رُلئي آهي رقم،
پسي گونڌر غم، هن جا ٻوٽ ڪري ٻچا آئيا.

(٦)

ٻوٽ ڪري ٻچا آئيا تون آما اويري،
دانهن ڪري درد مان ٿي ڏنگهر تي ڏيري،
ڏائي ولو ڌ ڳيا اوهين ڦر ڇڏيو ڦيري،
مٺان اچي اوچتو ڪو ٻير ڪٺي ٻيري،
ويڙهو هوم وات تي سو وڪوڙي ويري،
آتان آيو احمد ڇام جنهن ٻلي ڪيس ٻيڙي،
ڪڍيو ٻاهر ٻچن ڪي ٿي چڻي جو ٻيري،
ٻڙڪيو ٻهيري- ٿي موڪلائي معصومن ڪان.

(٧)

موڪلائي معصومن ڪان ڪچيءَ پايو ڪل،
چيائون ڪير حرام ٿيو تون چوٻيري چل،
ٻيا تنهنجا حرام ٿيا تون هچاري هل،
محمد جهڙي مير ڪي تون ورندي ڏيئي نه ول،
جنهن جو شاهه رکندو شل، سا رهجي ويندي رسول سان.

هن معجزي کي بيان ڪندي ”سانوڻ فقير“ ٻارهن بيت چيا آهن. سون کي ”ڏور“ نئون علم ۽ هنر سمجهڻ ۽ آيا تنهنڪري، زور ڀريو مالس ته ڪي وڏيڪ ٻڌاء. ٿورو سوچي وري ٻيو ڏور چيائين:-

(ڏور)

مومل ماڙيون چار ڪاڻ اڏايون مينڌري،

سوڍو سر ڇهو، ڪينڪي وٽيس ڪين واپار،
جڏهن ڏنس ڏَسُ ڪنوار. تڏهين محلين رسيو مينڌرو

( شاهه )

مومل جي ماڙيءَ تي آيو راڻو رنگ ڪري،
ساڳيو سچاڻوس سرتيون، اوهين ڏيان ڏري،
سا مر مومل مري، جنهن سوڍي کي سرهو ڪيو.

ڏور ڏيئي بس ڪري پاڻهي سمجهائڻ شروع ڪيائين. چيائين ته حضرت دائود عليه السلام جي وقت ۾ نصوح نالي هڪ شخص ٿي گذريو آهي. پهريائين ته هو وڏو دولتمند هو، پر پوءِ پنهنجي بدڪارين ڪري ڪنگال ٿي ويو. نيٺ سندس ڌنڌو وڃي رهيو مردن جا ڪفن لاهڻ. جيڪي مردا تازا پوربا هئا، تن جا ڪفن لاهيو وڃي وڪڻندو هو. انهي وقت ۾ ڪا نيڪ ۽ پرهيزگار عورت آتي رهندي هئي. تنهن کي اچي خوف ٿيو ته هيءَ نامراد مون سان به ساڳي ڪار ڪندو ائين ويچار ڪندي هڪ ڏينهن نصوح کي پاڻ وٽ گهرايائين. چيائينس ته توکي ڪفن لاهڻ جي عادت آهي، پر مان توکي پنهنجي ڪفن جي قيمت کان ٻيڻا پئسا ڏيان ٿي، انهيءَ لاءِ ته تون جيئن مئي ٻچاڻان منهنجو ڪفن نه لاهين. نصوح رقم وٺي راهي ٿيو ۽ اهڙو انجام به ڪري ويو. مائيءَ کي انهيءَ هوندي به مٿس اعتبار نه آيو، تنهنڪري وارثن کي وصيت ڪري ڇڏيائين ته جڏهن آءٌ مران

تڏهن منهنجي قبر سان گڏ ٻي ٻيون خالي قبرون به ڏاهي ڇڏجو، جيئن اهو ڪفن ڪش منهنجي سچي قبر سڃاڻي نه سگهي. جڏهن اهو وقت آيو ۽ مائيءَ دم ڏنو تڏهن سندس وصيت موجب ڪيس ڇهن قبرن مان هڪ ۾ نيئي پورياؤن.

”هيرئي سندي هير ننڪ ٻڪي به نه لهي“ جي مصداق، نصوح پنهنجو واعدو وساري، پنهنجي عادت پوري ڪرڻ جي ارادي سان قبرستان تي ڪهي آيو. هڪ هڪ ڪري قبرون کوٽڻ لڳو. جڏهن اصلي قبر جا آڏا الٽايائين، تڏهن هوءَ مائي، جا بزرگ ۽ خدا رسيده هئي، تنهن جيئري جاڳندي تصوير ۾ اچي ڪيس هڪل ڪري چيو ته حيف هجيئي! ليٿ ڪيڻ رهيئين!! مائيءَ جو ڪالهاڻ ٻڌي هن ڪي ايترو ته ڊپ ٿيو جو پوئين پيرين ورڻي ڀڳو، ۽ وڃي ڪٽي ڪريو. ڌڻيءَ جو خوف مٿس ايترو طاري ٿيو جو سچي توبهه ڪري هميشه لاءِ ڪنج خلوت ۾ رهي ڌڻي ياد ڪندو رهيو.

(ڏور جي معنيٰ)

| | | |
|---|---|---|
| مومل | مراد آهي | آها نيڪ عورت |
| ماڙيون چار | ” | چار قبرون |
| ڏنس ڏس ڪنوار | ” | نيڪ عورت جو ڪيس هدايت ڪرڻ |
| محلين رهيو | ” | منزل تي پهتو، هدايت تي هليو. |

( شاهد )

مومل جي ماڙي مراد آهي نيڪ عورت جي قبر
سوڍي کي سرهو ڪيو " بدڪار کي نيڪوڪار ڪيو.

مون کي اڄڪلهه جي ادبي ماهرن جو ٿورو آزمودو آهي ته هو "ڏور" جي وجود تي گهڻ اعتبار نٿا ڪن، يا ته بلڪل ڪونه ٿا مڃين. مگر هنن کي ائين وسهڻ گهرجي ته ١٨ صدي عيسويءَ ۾ جڏهن سنڌي شعر ۽ شاعري چوٽ چڙهي ويئي هئي، تڏهن اهڙا سڌير به پيدا ٿيا هئا، جن عجيب معمائون جهڙين ۽ گفتگو ۾ ڪم آنديون. ٽپال جي پوري بندوبست نه هئڻ ڪري سالڪ هڪ ٻئي ڏي سام ۾ پيغام موڪليندا هئا، جن جي قاصد کي به سڌ ڪانه پوندي هئي. پر وقت جي بي پرواهيءَ ڪري اهي حڪمتون بي معنيٰ رهجي ويون ۽ جي پوءِ آهستي آهستي انهيءَ درجي تي اچي پهتيون جو مڙن اڄ ڪوبه اعتبار ڪونه ٿو ڪري! انهيءَ پيچيدي هنر جو شجرو هن ريت آهي:- (١) بيت (٢) هنر (٣) ڏور (٤) گجهارت (٥) آچاڻي يا پرولي (٦) ڏِٺ. انهن ڇهن قسمن جو پاڻ ۾ لاڳاپو هن ريت آهي: بيت ۽ ڏور پاڻ ۾ ويجها آهن. سنڌن پرولي ۽ بيهڪ ۾ ٿورو تفاوت رهي ٿو. (٢) گجهارت، هنر ۽ ڏِٺ ساڳئي دفعي مان آهن. هنر البت پروليءَ ۽ بيهڪ جي لحاظ مان بيت ۽ ڏور سان مائٽي ڪري ڪري ٿو. (٣) باقي آچاڻي يا پرولي به حقيقت ڪري

ڳجهارت جي ننڍڙي پيڻ آهي، پر پنهنجي خاني رهي ٿي. سڀ ڳالهيون وڏي ڏکيو سمجهڻ آهي ڳجهارت ۾ ڏٺ جو. باقي ڏور ۾ هنر مدار رکن ٿا وسيع معلومات تي. اهڙيءَ ريت آڇائي سمجهڻ لاءِ ۽ سمجهه ڪپي.

خير، پوءِ ته اچي ڏورن جي پلٽ شروع ٿي. سج به لڙي ويو، تنهنڪري آئي راهي ٿياسون. رات وري ساڳي اوطاق ۾ گذاري، صبح جو آئي روانو ٿياسين.

# لاڙ جا ماڻهو

وڻيا سي وينجهار، هيرو لعل وندڻ جي،
تنين سندا ٻـويـان سيهي لهن نـہ سار،
ڪٽن ڪٽ لوهار، هـاڻـي انهيءَ ٻيٽين.
(شاهہ)

ڪوڙو نہ مٺو ڪلام آهي، کهڙو نہ سهڻو شعر آهي. ميڻاس ۽ سوز سان گڏ منجهس ڪيترو نہ سچ سمايل آهي. وچ ۾ صدي گذري ويئي، مگر ڇا مجال جو سچي سالڪ جي سلوڪ سان ڪو وينجهار وڌَ ڪيو. جيڪي فرمايو اٿس، سو ڇڻ تہ مٿنڀيءَ تي نڪي!

اوهان مٿي لاڙ جو اڳيون اوج پڙهي آيا. لاڙ جي اهميت کان واقف ٿيا، تنهن سان گڏ لاڙين جي ٿورن جا ٿورائتا بہ ٿيا. اڄ وري اہ لاڙي سر زمين وهي ڏسو. "هنج هلي ويا ملڪ ماڙ، وڃي جاءِ جهلي زاغن". نہ آهي سالڪ، نہ آهي شاعر ۽ نہ آهي وينجهار ڻي رهيا. ملڪ پڙهينگ لڳو پيو آهي. نہ منجهس آهي مزيدار

ٿي آيون. اڄ انهن جو حال ڪر ڏٺو ويندو آهي. ڏسين پڻ ان جو اولاد اڄ لوڙهي ڪان ٻاهر پنڌ جي ٿي ڪونه ٿو. پنهنجي ته ڪانه ٻاريائون، پر ابائي ابن آجهائي ويهي رهيا. جن کان ساري سنڌ سکي، سي پاڻ سڌجن ڪورا چٽا! علم کان عاري، مست، هيٺا ۽ بزدل. بيءَ جي ننگ جو پٽ کي احساس ئي، سو هيئين وٽ سورهين ڪيٺهين! مطلب ته تار کان تواڻي ۽ تال کان ٻاهر آهن.

عام طرح لاڙي ماڻهو سادا سودا، ڀالا ڀولا ۽ موڙهل آهن. منجهن علم، چستي چڙڪائي گهٽ. پين حالتن ۾ سرسري وچڙا. اقتصادي حالتون به نه ساراهڻ جوڳيون، ۽ نه ندا لائق. مطلب ته وچون وڌي پيا وڃن. ابائي ورثي مان باقي وٽن فقط سادگي ۽ مهمان نوازي موجود آهي، ٻيو ٿيو ٻاوڳ، ماڻهو زبان جا ميٺا ۽ لحاظ وارا آهن. دولت جي نشي وارا به اهڙي اک پور ۽ واهه وڏائي ڪانه رکن. قديمي زميندار ۽ جاگيردار سدائين سادي نموني هلن. سنڌڻ اوچ پهر، کاڌ خوراک، ٻولي چالي، آٽ ويهڻ، سڀ سادي نموني. اڃا به ڪي شهري لاڳاپي وارا ماڻهو، يا جن مغربي تعليم ورتي آهي ۽ مٿن آتان تعليم جو اثر ٿيو آهي، سي البت ڦيريل رنگ واري جيوت گذارين، تن جي آٽ ويهڻ، پهر پوشاڪ ۽ گفتگو ۾ فرق آهي، باقي ٻيا سڀ ساڳي رند ٻيا رڙهن.

[redacted]



علميت ۽ منجهائن وٽئي ڇڏائي، تنهنڪري معلميت جو نالو ۽ متانئن ٻنا ڏني ورتي ڪيڏي ڇڏي ويو آهي. باقي رهيا مڙيئي ماڻهو، تن جو گذر اوقات ٽن درجن ۾ وراهي سگهجي ٿو: (١) زميندار (٢) هاري (٣) مزور ۽ مالدار. زميندارن کي پاڻي جام پر، زمين سان ايتري اوپراس ڪانه اٿن، جيتري هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته زمينون گهڻو ڪري يڪ فصليون آهن، تنهنڪري واڌ ڪوٽ جي پورائي ۾ پنجو وڃي. زميندار پاڻ ٻت تي ٽوُ ڪونه ڏين. سندن سارو ڪاپارو ۽ ڪم ڪمدارن جي حوالي ڇڏيل هوندو آهي. فصل لٽي حساب ڪتاب ۾ انهن جي ٻلي. زميندار فقط حقو ٽانڪي اوطاق جي سونهن ٿيو ويٺا هوندا آهن، علم منجهن خير ڪو آهي. ليکي چوکي جي سڌ ڪانه پوين، تنهنڪري ڪمدار جيڪي هٿ سان ڏيندن، سو غنيمت سمجهي صبر ۽ شڪر ڪري ويهي رهندا. اهرئي سبب آهي جو سڄين ديهن مان پيٽ پورائو ٻه مس ٿو ٿيئين. پنهنجي ڪچي پڪيءَ تان گهرو ڪرڻ ڪانئن ڪونه پڄي. تنهنڪري جو پنو تنهن چنو. ٽارو ٽارو ٿي سڄي لٽجو وڃي. سندن گهرو ڪاپارو هلي ڪنئي ڪنڌي تي. ٻنئيءَ ڏينهان واپاري وٽهي ڪٽي آيو ته هڙ موڙي هضم.

[redacted]



جو ٻوليندو سو لهندو. ٻيلا هجي ڪا لڪيت جنهن مان پورو پوين! ٻچاڙيءَ ۾ ايترو ڪونہ ٻچندن جو ٻج لاءِ رکن. واپاري وري هٿن تڪ ڪاپاري. وٽن هڪ ٻها تہ ڏين وري ٻيٽي ٻيها مان. زميندارن کي ٻج وري بہ واپارين کان وٺو پوي. تنهنڪري ”آدي مٺي، آدو چانئو اسين اوتري جا اوترا.“ هارين ۽ مزورن کان وڌيڪ زميندار قرضي ڏسبا. جي ڪنهن کي ڪنهن فصل تان چار ڪٽيون ٻچيون تہ پوءِ وجهندو نانگن جي ٻرن ۾ هٿ، ويندو اونڌيون مٺيندو. جيسين هڙ هلڪي نہ ٿي اٿس تيسين مٿڪ نہ سمهندو. غريب مار البت ملڪ ۾ گهٽي.

سهٽيرڙا هيٺن تي هلائون ڪرائين، غريبن جا جهڳا جهورائين، ۽ سندن چوريون ڪرائين وغيره. پاٽاريداريءَ جو نمونو ملڪ ۾ گهٽو. تنهنڪري چڱو مٺو سيٺ پوليس جي اک. جيسين ڳنڍ نہ کولين تيسين ڪٿي ٿا پٽڪو ٻچائين، ڪنهن نہ ڪنهن اوطاق تي ضرور پوليس جو ڊنب لٿل ڏسبو. ڪڏهن ڪنهن جي ڪاٽ جي ڳولا ۾، ڪڏهن ڪنهن جي وَهٽ جي پيڇا ۾. مطلب تہ مڙيوئي ڪونہ ڪو مامرو مٿي تي هوندن. جيڪي چار ڏوڪڙ ٻچن جي قوت لاءِ پاسيرا ڪري رکيا هونداٿون، سي ٿيندا انهن واڳن جي ٻلي ۾ پاڻ

ڪن پنهنجو سڪ اِمال جي سهنج تاڻ گهوريو
ڪيو ڇڏين. مال ونن جوءِ آهر ٿئي. چاڪاڻ ته سيڪو
چوپايو مال ساڪيءَ جوءِ ۾ جالي ڪين سگهي. رڍون،
ڪابيوڻ ۽ مينهون ڪَڪ ڪائين، تن لاءِ پيلا سَيج
سمان آهن. ٻڪريءَ ۽ آلن لاءِ پن ضروري آهن تن لاءِ
وري ڪڪ ڪي ٻہ ڪين آهن. تنهنڪري مالدار مال
جي سانگي وتن راتوڙا رهندا، جهنگ جهر جهاڳيندا،
۽ ملڪ ماپيندا اهي نه سڪ سمهن ۽ نه سور سڃاڻن.
آهي جڻ ته ڄاوائي مال جي تات لاءِ آهن.

# ماڻھن جي پوشاڪ ۽ رھائش

ماڻهن جو ڏيک ويک ملڪي حالتن تي گهڻو مدار رکي ٿو. لاڙ ملڪ ڏڪار جي ڏنجهه کان گهڻو پڇيل رهي، جت آميا آن ٿين تت وري ٻي ڪنهن جي ڪاڻ. ماڻهو گهڻو ڪري هڪ حالا، اوچ ڀهر ۽ مرد سادا. زالون اڃا به اوچيءَ اوچ تي دل ڪين. ڪپڙي جو زيان جهڙا مرد، تهڙيون زالون. سڀني کي گوڊ والون ڏسبيون. اوبهائي جي اوچ کان چيله چتڙ سپ ڪڏيا پيا هوندن. زالن کي ڀاچن تي زريءَ ڀرائڻ جو گهڻو شوق ٿئي. مرد به ڪي ساڻن انهيءَ شوق ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين. يعني انهن جي ڀاچن تي به زري لڳل ڏسبي. وڏگهراڻا ڀروچ ته سچا زريءَ سان ٿقيل ڏسبا. ڪوٽ، قميص، سٿڻ، ٽوپي، وينڊي جتيءَ تائين زريءَ جڙيل ڏسبين. عام مردن کي مٿي تي ڦيڙها، ڪلهن تي اجرڪ، ۽ ٽنهن وچڙ ڦلائين پٽاڙ پيل پسبي. لاڙي ماڻهن جي سڃاڻپ جون اهي خاص نشانيون آهن. ڪي ته ويچارا صفا غريب آهن، جن جون اوچون آڪا ٿي وڃن، تڏهن

ڏلو ٿي. ڪٿي ائين به ڏسن ۾ آيو ٿي ته جن ماڻهن برقعي جو استعمال ٿي ڪيو، تن تان ڇڙون ڪيون ويون ٿي. سبب اهو ٿي چاڙايو ويو ٿي ته برقعو فقط پيرن ۽ سيدن لاءِ مخصوص ٿيل آهي، تنهن ڪري ٻيا ماڻهو استعمال ڪري نٿا سگهن.

لاڙي ماڻهن جي رهائش ڪوهستاني قومن کان گهٽو سڌريل آهي. ماڻهو شهر يا ڳوٺ ڏاهيو تنهن ۾ رهن. ملڪ سائو، آبادي گهڻي. تنهنڪري آدم به سنجهن گهٽو رهي. واپاري ڏي وٺ ڪري ڳوٺن ڳوٺن سان ۽ شهر شهرن سان، وڏن رستن ذريعي ڳنڍيا پيا آهن. ڳوٺن ۾ اسڪول، ٽپال آفيس، ڊڪ ۽ اسپتالون وغيره آهن. وڏن ڳوٺن ۾ پوليس چونڪيون ۽ سرڪاري آفيسون به آهن، انهيءَ ڪري ڳوٺن جي حالت سڌريل نموني تي آهي. صفائي سٿائيءَ جو خاطرخواهه بندوبست ٿيندڙ آهي. ڪن شهرن ۾ ميونسپالٽيون ۽ سينيٽري بورڊون آهن، جي شهر جي سنڀال تي خاص ڌيان ڏين. سرڪار به پنهنجي طرفان ڳوٺن سڌارڻ تي گهٽو ڌيان ڏيندي آهي. باقي مارو ماڻهو، جي گذر جي سانگ سان ڏيٺ ڀهراڙين ۾ رهن ٿا، تن جي رهائش ڪا اهڙي سٺي ڪانهي. ڪکاڻوان گهر، تن کي ڊنگهرن جا ٻوس ڦند لوڙها لڳل هوندا. ساڳي ڪٽنب جا گهر، سڀني هڪ لوڙهي اندر هوندا، جن جي لنگهه لاءِ هڪڙي ئي ڳلي هوندي. شهرن کان وڏ ڊڪ آدم

ڀراڙيءَ ۾ رهي ٿو، پر سڀ پنهنجي سالگ سارو رهن. ڳوٺ ڀڏي رهڻ جو انهن ۾ خيال گهٽ آهي. هاري ناري پوک جي سهنج تي ڪَڙين ۽ واهن جي ويجهو اجها اڏيو ويهن. مالدار مال جي سانگ سان وڙاهه ويجهو وڃيو ويهن.

# لاڙ جي صحت

لاڙ جا ماڻهو ڪاڏي جا ڪاٻار، هڏ ڳوڪر، ٿلها متارا ۽ قداور آهن، پر سنڌ جي ٻين ڀاڱن وارن ماڻهن ڪان البت گهٽ. انهيءَ ٿولهه ۽ متارائيءَ هوندي به هو سست، نٻل ۽ هيڻا واقعي آهن. سندن چهرو ڦڪو، منهن لٿل، بند سنجهيل ۽ لنگ رڏل آهن. ڪم تي چاهه گهٽ ۽ ننڊ تي پيار وڌ اٿن. سمجهجي ٿو ته گهٽ ڪم ڪرڻ ڪري هڏَ تي چوڙو چڙهي ويو اٿن. سستي منجهن گهر ڪري ويٺي آهي. زمين لاهي، تنهن تي پاڻي اچي موڪ، تنهنڪري ڪوڏر جي ڪمائي سنهن ٿي ڪونه.

هوا ملڪ جي گهميل، تنهنڪري ڪوسي ٿڌي نه سهائن ۽ نه سهَن. ميرن جي ملڪ ۾ سخت مار، سڄو مرڪ تپاوليءَ ۾ گهارين. سوپاري جي چاهي جي هير ايتري اٿن جو آن سنئون واپاريءَ کي سوپارين جو کنڊ و پرين. هر ڪنهن جي کيسي ۾ سوئڙي ۽ سوپاريون سدائين هونديون. سوپاري رَت جو وجائڻ آهي، سوپاري کانڪ نه ڊوڙي سگهي ۽ نه ڪم ڪري سگهي.

ٿورو تؤ آهس ته سَٿهڪي پيٺي پولڊس. انهن سببن ڪري لاڙي ساٿهو ڏيري ڍور مثل هيڏا ۽ سست آهن.

ملڪ ۾ ميلن ملاکڙن جو شوق به ڏاڍو آهي. تنهنڪري مَلهه جا ڪوڏيا جوان، جي پنهنجو ٻَٿ ڏٽائين ٿا، سي ڏاڍا جوان ۽ پهلوان آهن، باقي عام طرح منجهن چاڙهو ڪواهي. ڪنهن ڏکئي ڪم ۾ لڳا ته ڪوڙي ڏاند وانگي پڙ ڪڍي ويهي رهندا. نيڪَمي ماڻهوءَ جي نشاني آهي چَنّيچ چٽيل ۽ پيٽ پريل. اهي علامتون لاڙين ۾ البت سرس آهن، تنهنڪري سندن صحت سٺي ڪانه چئبي.

# ڏسڻي

## ١- ماڻهن، قومن، ذاتين ۽ ٻولين جا نالا

### (الف)


الهه بچايو يار محمد سمون الف
ارغون ٢٢
اسحاق آهنگر ٢٤، ٢٥، ٢٩، ٣٢، ٣٧، ٥٤
آخوند محمد قاسم ٥١
ايراني ٥٧
افغاني ٥٧
انگريز ٥٧، ٦٤
آريه ٥٩
اپڀرنش ٦٠، ٦١
آسامي ٦٠
اڙيا (اوڙيسا) ٦٠
اميد علي ٨٨


### (ب)


ٻزيسل ١٧
برنٽ هيگ ٢٦
ٻانڪو شاهه ٻهرام ٣٦
برج پاشا ٦٠
ٻنگالي ٦٠
برهمڻ گهراڻو ٦١
بلوچي ٦٤، ٦٥


### (ٻ)


ٻڌ ڌرم ٥٠


### (پ)


پيرو مل ٤١، ٦٧
پوجهوري ٦٠

(ت)
تماچي ١٦، ٢٤
تاجاڻي ٢٨
ترڪي ٦٤، ٦٥
(ٽ)
ٽالپر ٢٧-٢٨، ٦٣
(ث)
ثابت علي شاه ٤٩
(پ)
پنهون ١٦
پارسي ٥٧، ٦٣، ٦٥
پالي ٥٩-٦٠
پراڪرت ٦٠
پشاچي ٦٠
پڇمي هندي ٦٠
پنجابي ٦٠
پشپالوڪ ٦٠
پورچوگيز ٦٣، ٦٥
پشتو ٦٤، ٦٥
(ج)
جکرو ١٦
جمن چارڻ ٤٩
جرمن ٥٧
جين ڌرو ٦٠
(ڄ)
ڄام جوڻاه ٢٣
(چ)
چنيسر ١٦
چٽرجي ٥٦، ٦١
(ح)
حافظ شيرازي ٣٧
حافظ حامد ٥٤
حضرت محمد ڪريم ﷺ
٩٧، ٩٩، ١٠١
حضرت دائود عليہ السلام
١٠٢
(خ)
خواجه محمد زمان لواري وارو
٤٣، ٤٤، ٤٥، ٥٤، ٥٥
خليفو گل محمد هالائي ٥٠
(د)
ديوان خوشيرام ٣٨
داردرڪ ٦١، ٦٦
(ڌ)
ڌيون مل ٧١
(ڊ)
ڊاڪٽر بلوچ ٤٣، ٤٦، ٤٧، ٥٥، ٥٦، ٦٤

ڊاڪٽر گربخشاڻي ۴۴
ڊچ ۵۷

(ر)

راڄو ۲۴، ۲۹، ۳۷
راءِ ڏياچ ۳۶
روسي ۵۷
راءِ گهراڻو ۶۱
رحيم بخش ۸۸
رمضان ڪنڀر ۹۸

(س)

سسئي ۱۶
سومرا ۲۲، ۳۶، ۴۱، ۶۱، ۹۴
سما ۲۲، ۲۸، ۲۹، ۶۳، ۹۴
ساموئي ۲۶
سسئي پنهون ۳۶
سهڻي ميهار ۳۶
سرفراز ڪلهوڙو ۴۹
سچل سرمست ۵۰
سنسڪرت ۵۸، ۵۹، ۶۰
سورداس ۶۰
سرائڪي ۶۲، ۶۴، ۶۵، ۶۶
سر بارٽل فريئر ۶۵
سراج الحق ميمڻ ۹۷
سانوڻ فقير ۹۸، ۹۹، ۱۰۰، ۱۰۱
سوڍو ۱۰۲، ۱۰۴
سيد فاضل شاه فاضل ۵، ۵۳، ۵۴

(ش)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۲، ۴، ۳۲، ۳۹، ۴۳، ۴۵، ۴۷، ۴۸، ۵۴، ۵۵، ۹۶
شاهه عبدالڪريم ۳۰، ۳۱، ۳۷، ۳۸، ۴۳، ۵۴، ۵۵
شيخ حماد ۲۴، ۲۹، ۳۲، ۳۷
شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه ۳۰، ۴۵
شاه عنايت صوفي ۳۱، ۳۸، ۳۹، ۴۳، ۵۴، ۵۵
شاه عنايت رضوي ۳۱، ۳۹، ۴۳، ۴۵، ۴۶، ۴۷، ۵۴
شاه محمد مڪي ۴۵
شوُر سيني ۶۰
شمس الدين ٻبل ۸۲

(ص)

صفر ٨٣، ٨٧

(ع)

عبدالله ١٧

عرب ١٥، ٢٠، ٦١

عمر سومرو ١٧، ٩٥

عمر مارئي ٣٦، ٤٥، ٩٤

عنايت فقير ٣٩

عليناواز جتوئي ٦٧

عمر ٨٣، ٨٧

(غ)

غلام شاه ڪلهوڙو ٤٢

غلام محمد شاه گدا ٥٤

غزنوي ٦٣

غلام علي الانا ٦٧

(ق)

قاضي قاضن ٢٨، ٢٩، ٣٠، ٣٢، ٣٧، ٥٤

قليچ ٥٤

(ڪ)

ڪوُزرو ١٦

ڪئپٽن جارج اسٽڪ ٢٣

ڪلهوڙا ٢٧، ٢٨، ٣٢، ٣٣، ٣٩، ٤١، ٦٣

ڪاليداس ٥٩

ڪوڪني ٦٠

ڪشميري ٦٠

(گ)

گرامي (مرحوم غلام محمد) ٢٤، ٢٥، ٢٦، ٢٧، ٣١، ٣٧، ٣٨، ٣٩، ٤٣، ٤٩، ٥٠، ٥٢، ٥٤، ٥٥، ٥٦، ٥٨، ٦١، ٦٢، ٩٧

گرو نانڪ ٢٧

گريئرسن ٥٦

گجراتي ٦١

(ل)

ايلا ١٦

ليلي مجنون ٣٦

لطف الله قادري ٣٨، ٤٣، ٥٥

ليلارام وطن مل ٥٤

(م)

محمد بن قاسم ١٥، ٢٠

ماموئي ٢٥

مارئي ١٧، ٩٥
سومل ١٧، ٣٦، ١٠١،
١٠٢، ١٠٣، ١٠٤
مخدوم نوح رحمة الله عليه
٣٠، ٣١
مخدوم آدم سميجو ٣٠
مخدوم ضياءالدين ٣١، ٣٣،
٤٠، ٤٢، ٥٤
مولوي ابوالحسن ٣١، ٤١
ملا معين ٺٽوي ٣١، ٤٢
مخدوم محمد هاشم ٣١،
٤١، ٤٢، ٥١
ميان محمد حسين ٣١، ٤١
مخدوم محمد ابراهيم ٣١
مخدوم عبدالله ٣١، ٤١،
٤٣، ٥٤
موسي آهيداني ٤٦
مير ڪرم علي ٤٩
ملا سرفراز ٤٩
مير عبدالحسين سانگي ٥٤
مرتضائي ٺٽوي ٥٤
مخدوم عبدالرحيم گروهڙي
٥٥
مها راجا اشوڪ ٥٩
مرهٽا ٦٠
ماڪدي ٦٠
مها راشٽري ٦٠
مٿلي ٦٠
ملباري ٦٤
مير بحر ٦٦
ميندرو ١٠١، ١٠٢
مورڙو ١٧
(جهہ)
جهڪميو ٦٩
(ن)
نوري ١٦
ننگر ٢٦
نواب اعظم خان ٣١
ناڪر اپڀرانش ٦١
نصوح ١٠٢، ١٠٣
ناگپوري ٦٠
(و)
وراچڊ اپڀرانش ٦١
(ھ)
هير رانجهو ٣٦
هندو ٥٧، ٥٩
(ي)
يوسف زليخا ٣٦
يوناني ٥٧

## ۴- شهرن، ملڪن، مڪانن، ڍنڍن، ندين جا نالا

(الف)

ايراني نار ۱۴

افغانستان ۱۴، ۶۴

ايران ۱۴، ۲۳، ۲۸، ۳۲

اروڙ ۲۵، ۲۷

(ب)

برهمڻ آباد ۱۴

ٻٺورو ۶۹

بلوچستان ۶۴

بنارس ۵۸

(ڀ)

ڀارت ۱۴

ڀنڀور ۴، ۱۴، ۱۶

(ٺ)

ٺٽو ۲۴، ۲۹، ۳۹

(ٿ)

ٿر ۹

(ح)

حجاز ۱۴

حيدرآباد سنڌ - الف ۹، ۱۱، ۲۴، ۵۱

(جھ)

جھوڪ ۳۱

(د)

دادو ۹

ديول بندر ۱۴

دهلي ۳۱

(ڏ)

ڏکڻ آفريڪا ۵۷

(س)

سنڌ ۳، ۱۴، ۱۵، ۱۷، ۱۸، ۲۰، ۲۵، ۳۰، ۳۱، ۳۳، ۵۶، ۷۹، ۸۱، ۹۲، ۹۶، ۸۰، ۱۱۸

سوڊان ۱۴

سورت ۱۴

سيوهڻ ۲۸

سنڌو ندي ۵۶

سونها ۶۸

(ع)

عراق ۱۴

عمان ۱۴

عربستان ۱۵، ۳۲

عمر ڪوٽ ١٧

عربي سمنڊ ١٧

( )

ڦليلي ١١

(ق)

قندار ٢٨

(ڪ)

ڪراچي ١٠، ١١، ٦٦

ڪونڙي ١٠، ٦٦

ڪينجهر ١٦، ٦٨، ٦٩

ڪلاچي ١٧

(ک)

کڏو (ڪراچي) ٦٦

(ل)

لنڊن - ب

لاڙ - الف، ٢، ٣، ٧، ٩، ١٣، ١٤، ١٥، ١٦، ١٧، ١٨، ١٩، ٢٠، ٢١، ٣٣، ٦٦، ٦٨، ٩٢، ١٠٦، ١٠٧، ١١٤، ١١٨

لغاري ٤٣

لڪمير ديهه ٤٦

(م)

ميسر گنڊيو ١٤، ٢٠

مصر ١٤، ١٥

ملبار ١٤، ٦٤

مڪران ١٤

مڪلي ١٧، ٤٢

مغلڀين ٨٢

مٿرا ٦٠

ماگدا جهار ٦٠

(ن)

نيرون ڪوٽ ١٤

نجد ١٤

نصرپور ٤٣، ٤٦

(ه)

هاڪڙو ٢٥، ٢٧

هالا پراڻا ٥١

هيلايا ٦٨

هندوستان ٦٠

(ي)

يمن ١٤